ماھوار

# الرَّاشِد

پیرجوگوٹ

339

صفر المظفر 1447 ھ آگست 2025




سکندریہ پبلیکیشنز

جامعہ راشدیہ درگاہ شریف پیرجوگوٹھ (کنگری) ضلع خیرپور سندھ۔

# سلسلہ پیران پگاڑا

| نمبر | مسند نشین | لقب | منصب | ولادت/ہجری | ولادت/عیسوی | وصال/ہجری | وصال/عیسوی |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | پیر سید محمد بقاشاہ | پٹ دھنی | | 1شعبان1135ھ | 7مئی1723ع | 10محرم1198ھ | 5دسمبر1783ع |
| 2 | حضرت پیر سید محمد راشد شاہ | روزہ دھنی | بانی سلسلہ | 1رمضان1171ھ | 9مئی1758ع | 1شعبان1234ھ | 26مئی1819 |
| 3 | حضرت پیر سید صبغت اللہ شاہ | تجر دھنی | پگاڑا اول | 1193ھ | 1779ع | 6رمضان1246ھ | 15فروری1831ع |
| 4 | حضرت پیر سید علی گوہر شاہ اول | بنگلے دھنی | پگاڑا دوم | 4رجب1231ھ | 31مئی1816ع | 11جمادی الاول1263ھ | 27اپریل 1847ع |
| 5 | حضرت پیر سید حزب اللہ شاہ | تخت دھنی | پگاڑا سوم | 18شوال1258ھ | 22نومبر1842ع | 5محرم1308ھ | 21اگست1890ع |
| 6 | حضرت پیر سید علی گوہر شاہ ثانی | محافے دھنی | پگاڑا چہارم | 11رمضان1275ھ | 11 اپریل1859ع | 24جمادی الثانی1314ھ | 30نومبر1896ع |
| 7 | حضرت پیر سید شاہ مردان شاہ اول | کوٹ دھنی | پگاڑا پنجم | 7صفر1279ھ | 4اگست1862ع | 7ربیع الاول1340ھ | 8نومبر1921ع |
| 8 | حضرت پیر سید صبغت اللہ شاہ ثانی | سورہیہ بادشاہ | پگاڑا ششم | 13صفر1327ھ | 6مارچ1909 | 13ربیع الاول1362ھ | 20مارچ1943ع |
| 9 | حضرت پیر سید شاہ مردان شاہ ثانی | چھپٹ دھنی | پگاڑا ہفتم | 8جمادی الثانی1347ھ | 22نومبر1928ع | 16صفر1433ھ | 10جنوری2012ع |
| ۱۰ | حضرت پیر سید صبغت اللہ شاہ ثالث | | پگاڑا ہشتم موجودہ | 14رجب1376ھ | 14فروری1957 | اللہ کریم سایہ سلامت رکھے۔ | |

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اُولٰئِکَ هُمُ الرَّاشِدُوۡنَ فَضۡلاً مِنَ اللّٰهِ وَ نِعۡمَةً (القرآن)

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَارَسُوۡلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَاحَبِيۡبَ اللّٰه

الرَّاشِد ماهوار پير جو ڳوٺ

شمارو نمبر 339

صفر المظفر 1447 هجري، آگسٽ 2025 ع

# فهرست



| نمبر | مضمون | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| 01 | اداريو | ادارو | 03 |
| 02 | راشد التفاسير | ادارو | 04 |
| 03 | درس حديث، درس ملفوظات | ادارو | 06 |
| 04 | نبوي تربيت جا ڪجھ سبق | ڊاڪٽر منير الغضبان | 07 |
| 05 | تقويٰ جي اهميت ۽ فضيلت | فقير امام بخش سڪندري | 11 |
| 06 | صفر المظفر | حافظ مظهر علي انڙ | 19 |
| 07 | فقہ جي اصولن جو تعارف | حافظ ديدار حسين سڪندري | 22 |
| 08 | شان اولياءِ ڪرام | عطاءُ الرسول اجڻ سڪندري | 25 |
| 09 | حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي | ميمونہ سڪندريہ | 28 |
| 10 | ٻارن جي تربيت | مولانا محمد رفيق سڪندري | 32 |
| 11 | نوجوانن ۾ الحاد ۽ دين بيزاي | علامہ علي اڪبر راهمون | 37 |
| 12 | اسلام میں فکری انقلاب | بیرسٹر ظفر اللہ | 42 |



لکيڙهہ، رابطي ۽ مواد موڪلڻ لاءِ

مرڪزي دفتر، جمعيت علماءِ سڪندريہ۔جامعہ راشديہ، درگاهہ شريف پير جو ڳوٺ (ڪنگري) ضلعو خيرپور، سنڌ

Cell: 03063622638, 03458787086 | Email: aqm086@gmail.com

## اداريو:

### وقت، علم ۽ صلاحيتون الله جي دين لاءِ وقف ڪريو

هن وقت مسلمانن کي جن چئلينجن ۽ ذهني، اعتقادي ۽ تمدني حملن سان منهن ڏيڻو پيو آهي، اهي ڪنهن کان ڳجها نہ آهن. خاص طور تي نئين نسل کي دين کان پري ڪرڻ، مغربي فڪر سان مرعوب ڪرڻ، ۽ماديت پرستي جي طرف راغب ڪرڻ لاءِ وڏي منظم ڪوشش ٿي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ نوجوان عالمن جي ذميواري پين سپيني کان وڌيڪ اهم ٿي وڃي ٿي.

هڪ عالم علم جو وارث آهي، نبوت جي ميراث تي بيٺل آهي، سندس زبان، قلم، شخصيت ۽ وجود انهيءَ مشن لاءِ وقف هجڻ گهرجي، جيڪو الله جي پيغمبر ﷺ ڇڏي ويا. پر ان لاءِ لازمي آهي تہ وقت جو قدر ڪندي هر پل کي علمي، ديني ۽ اخلاقي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪري. وقت ئي انسان جي سرمايي جو نالو آهي، جيڪو وڃڻ کان پوءِ وري موٽندو ناهي.

اڄوڪو دور گهڻ رخو هجڻ جو دور آهي، تنهن ڪري هڪ عالم کي صرف روايتي تعليم تي اڪتفا نہ ڪرڻ کپي، بلڪ ڪيس تبليغ، تدريس، تحرير ۽ تقرير جي هر ميدان ۾ پاڻ کي پختو ڪرڻ گهرجي. تبليغ سان عوام تائين دين جي روشني پهچندي، تدريس سان نئون نسل سنواربو، تحرير سان فڪر جو تسلسل پيدا ٿيندو ۽ تقرير سان دلين ۾ جوش، شعور ۽ سچائي جو جذبو جاڳندو.

مطالعي کي پنهنجي روزاني زندگي جو لازمي حصو بڻائجي. قرآن، حديث، سيرت، فقه، معاصر فڪرن ۽ حالتن جو عالمانہ جائزو وٺڻ واري عادت پيدا ڪجي. فقط درسي ڪتابن تي دارومدار رکڻ، علمي دنيا ۾ پاڻ مڃائڻ لاءِ ڪافي ناهي. علم هميشہ وڌندڙ شيءِ آهي، ان سان لاڳاپو رکڻ ئي عالم جي علامت آهي.

تہ پوءِ اچو! پاڻ کي علم، اخلاق، تقويٰ ۽ بصيرت سان سنواريون، وقت کي قيمتي سمجهي ڪم آڻيون، ۽ پنهنجي صلاحيتن کي الله جي دين لاءِ وقف ڪريون، تہ جيئن قيامت جي ڏينهن الله جي حضور ۾ سرخرو ٿي سگهون.

# رَاشِدُ التَفاسِير

## قرآن مجيد جا تفسيري نڪتا (37)

### از: پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره

پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره قادري سلسلي جو شيخ طريقت هئڻ سان گڏ هڪ رباني عالم دين، مفسر، محدث، مجتهد ۽ فقيه هيو. قرآن مجيد جي مفسر طور ڏسجي ته پاڻ فن تفسير جو زبردست ماهر، علم تفسير جي اصولن ۽ باريڪين جو وڏو ڄاڻو هو. سندن ڪتب خاني ۾ تفسير جا اهم ۽ امهات الڪتب موجود هيا. پاڻ جنهن نموني قرآن مجيد جي آيتن جو تفسير بيان ڪندا هئا. ان جو هڪ الڳ ۽ منفرد انداز هيو، جنهن جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا آثار سندن تصنيفات، مڪتوبات توڙي ملفوظات ۾ موجود آهن. ان ڪري هي ضروري آهي ته "پيرسائين روضي ڌڻي بطور مُفسر قرآن" جي موضوع تي تحقيق ڪجي ۽ سندن اعليٰ علمي شخصيت ۽ تبحر علمي جي هن اهم رخ کي واضح ڪجي. قرآن مجيد جي عُلوم ۽ تفسيري نُڪتن جي حوالي سان پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي علمي ۽ عرفاني فيضان جي سمنڊ مان چونڊ افادات ۽ نڪتا هتي سلسله وار ڏئي رهيا آهيون ۽ انهيءَ سلسلي جو عنوان سندن اسم مبارڪ جي نسبت سان "راشد التفاسير" رکيو ويو آهي.

أَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيطٰنِ الرَّجِيمِ

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيمِ

وَمَنۡ يَّخۡرُجۡ مِنۡۢ بَيۡتِهٖ مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ

ثُمَّ يُدۡرِكۡهُ الۡمَوۡتُ فَقَدۡ وَقَعَ اَجۡرُهٗ عَلَى اللّٰهِؕ (النساء : ١٠٠)

ترجمو: جيڪو بہ شخص پنهنجي گهران الله جل شانہ ۽ رسول ڪريم ﷺ ڏانهن لڏي اچي نڪتو ۽ پوءِ واٽ تي موت اچي پهتس تہ تحقيق ان جو اجر الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذمي ٿي رهيو.

الله تعاليٰ جا طالب، اهي طالب سلوڪِ باطن جي رستي جا سالڪ هجن ،خواه حج جي رستي سان ويندڙ يا جهاد ۾ مسافري ڪندڙ ،يا وري مرشد ڏانهن پنڌ ڪري ايندڙ تہ جنهن شخص ڪي الله جي طلب واري واٽ ۾ اڌ

منجهه موت جو صياد اچي پهتو هوندو تہ بہ مقصود کي پهتل چاٽبو.

جيئن تہ قرآن شريف جي مٿين آيت ۾ آهي.

اتي خليفي لقمان رحمة الله عليه عرض ڪيو تہ حضرتا! انهيءَ اجر جي لازم ٿيڻ لاءِ وڃڻ وارو وقت شرط آهي ، يا موٽڻ وارو وقت بہ؟ يعني جڏهن اهو في سبيل الله وارو ڪم ڪري موٽي ۽ واٽ تي وفات ڪري تہ بہ ان لاءِ اهو اجر آهي يا نہ ؟ پاڻ فرمايائون تہ موٽڻ تہ نهيو جي ان ڪم تي ويو ئي نہ آهي بلڪ گهر ۾ ويٺو رهيو تہ اچي ويس تہ بہ سندس نيت موجب ڪيس اجر ملڻو آهي .

اي عزيز! سندن انهيءَ فرمودي مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ جنهن شخص الله تبارڪ وتعاليٰ جي طلب واري رستي ۾ دل ۽ جان سان ڪوشش ورتي ۽ دنيا جي محبت ۽ قرب واري گهر مان لڏي ٻاهر نڪتو تہ توڙي ڪٽي هو پنهنجي مقصود ( يعني ڪماليت واري درجي ) کي نہ پهچي ، بلڪ بشريت انساني قيدن ۽ خيالات ۾ ( جيڪي انسان لاءِ گهر آهن ) ويٺو رهي ۽ اهڙي حال ۾ موت پهچي ويس ، تہ بہ الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي فضل سان ڪيس ڪامل، پهتلن جي جماعت ۾ داخل فرمائيندو ۽ قيامت جي ڏينهن بہ انهن جي ئي ٽولي مان اٿاريو ويندو.جيئن تہ وارد ٿيل آهي:

"مَنْ مَاتَ فِي الْعِشْقِ فَقَدْ مَاتَ شَهِيْدًا"

يعني: جيڪو شخص عشق منجهہ وفات ڪري ويو تہ اهو شهيد ٿي مئو.

پر اي عزيز! هو سفر ظاهري آهي ۽ سفر باطني آهي. پوءِ اهڙو سالڪ توڙي جو ظاهر ۾ ساڪن ۽ هڪ هنڌ آراميل پيو ڏسجي مگر اندر ئي اندر ۾ ڪوهن جا ڪوهہ پنڌ هنيو پيو وڃي .

## درس حديث

عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، قَالَ: قَبَّلَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ الْحَسَنَ بْنَ عَلِيٍّ، وَعِنْدَهُ الْأَقْرَعُ بْنُ حَابِسٍ، فَقَالَ الْأَقْرَعُ: إِنَّ لِي عَشَرَةً مِنَ الْوَلَدِ، مَا قَبَّلْتُ مِنْهُمْ أَحَدًا، فَنَظَرَ إِلَيْهِ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ، ثُمَّ قَالَ: "مَنْ لَا يَرْحَمْ لَا يُرْحَمْ."

(صحيح بخاري، حديث نمبر: 5997 – صحيح مسلم، حديث نمبر: 2318)

حضرت ابو هريره رضي الله عنه بيان ڪن ٿا تہ رسول الله ﷺ حضرت حسن بن علي رضي الله عنهما کي چمي ڏني. ان وقت اقرع بن حابس بہ موجود هو. اقرع چيو: "مون کي ڏهہ ٻار آهن، مان انهن مان ڪنهن بہ ٻار کي ڪڏهن بہ چمي ناهي ڏني".

نبي ڪريم ﷺ ڪيس ڏسندي فرمايو:

"جيڪو ٻارن تي رحم نٿو ڪري، ان تي بہ رحم نہ ڪيو ويندو".

## درس ملفوظات شريف

هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن وٽ حاضر هيس ايتري ۾ محمد وارث مجذوب مٺرن جا ڪوهر ڪٽي آيو ۽ تمام گهڻي عاجزي سان عرض ڪيائين تہ حضرتا! شهر مان داڻا پني انهن جا ڪوهر مٺرن وارا دعوت لاءِ آندا اٿم مهرباني فرمائي هن مسڪين جي دعوت قبول فرمايو پير سائين جن ان کي فرمايو تہ دعوت قبول آهي فقير مجذوب مٺرن جا ڪوهر پير سائين جن کي پيش ڪيا ۽ پاڻ انهن کي واپرايائون ۽ وري مجذوب عرض ڪيو تہ حضرتا! خليفي کي فرمايو تہ اهو بہ ڪائي بعد ۾ مون کي بہ گڏ ڪارايائون اي عزيز! ڏس جو حضرت جن جا سچا پچا خلق حضرت سيدنا محمد ڪريم ﷺ وارا هئا جو ان ڪري محبت ۽ شفقت فقيرن مسڪينن سان رکندا هئا جيئن پاڻ نبي ڪريم جن پنهنجن غريب صحابہ ڪرام سان شفقت رکيائون ٿي.

# نبوي تربيت جا ڪجهه سبق

## ڊاڪٽر منير الغضبان

## مختاراحمد سڪندري

الله جي رسول ﷺ زندگي جي مختلف شعبن جي حوالي سان قيادت تيار ڪئي ۽ انهن جي تربيت (نبوي تربيت) ڪئي، ڀلي اها اجتماعي زندگي هجي يا انفرادي، سياسي زندگي هجي يا عسڪري. اسان جي انهن قائدين جو تعلق مهاجرين ۽ انصار جي سابقون الاولون مان هو. اسان نبي مهربان ﷺ جي خوشبودار ۽ معطر حياتِ طيبہ مان پنهنجي لاءِ رهنما اصول حاصل ڪريون ٿا. هڪ رهنما، استاد ۽ معلم و مُربي جي حيثيت سان سندن مبارڪ زندگي اسان لاءِ بهترين اسوۂ حسنه آهي.

**نبوي تربيت جو پهريون سبق: عاجزي ۽ انڪساري جي تربيت**

عاجزي ۽ انڪساري جي صفت سڀني قائدين لاءِ هڪجهڙيءَ ريت ضروري آهي، ڀلي اهي سياسي قائدين هجن، يا تعليمي ۽ تربيتي رهنما. بدر جي جنگ وقت رسول الله ﷺ سان رڳو ستر اٺ هئا، تنهن ڪري هر اٺ تي ٽي ٽي سوار ويهي بدر جي ميدان تائين پهتا. رسول الله ﷺ بہ پنهنجن ساٿين جيان ٻن ماڻهن سان گڏ اٺ تي سوار ٿيا، جن مان هڪ شخص واري واري سان اٺ کي اڳيان ڪان وٺي هلائيندو، ۽ رسول الله ﷺ بہ پنهنجي واري تي ايئن ڪندا هئا.

جڏهن رسول الله ﷺ جو وارو آيو ته سندن بہ ساٿي مرثد بن مرثد الغنوي ۽ سندن پياءُ سعد رضي الله عنهما، سندن ﷺ جي احترام ۽ تعظيم سبب عرض ڪرڻ لڳا تہ: يا رسول الله ﷺ، اوهين رهڻ ڏيو، اوهان لاءِ ايترو ڪافي آهي تہ اوهين اٺ تي ويٺل رهو ۽ اسان ٻئي واري وار سان اٺ کي وٺنداسين. هاڻ جيڪا ڳالهہ الله جي رسول ﷺ انهن کي جواب ۾ چئي، اها ان لائق آهي جو قيامت جي صبح تائين ان جي صدا اسان جي ڪنن ۾ گونجندي رهي. خاص ڪري اها اڳواڻن، استادن، معلمن ۽ مربيين لاءِ اها ڳالهہ اڪ ڪولي ڇڏيندڙ آهي. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو:

"توهان ٻئي مون کان وڏيڪ سگهارا نہ آهيو ۽ مان اوهان کان وڏيڪ اجر جو حقدار نہ آهيان؟ جيڪڏهن اٺ هلائڻ جو سيپني جو وارو آهي تہ مان بہ اوترو ئي حق رکان ٿو جيترو اوهان، ۽ آرام ۽ راحت جو بہ اوترو ئي مستحق آهيان جيترو اوهان." ان تي الله جي رسول ﷺ اٺ جي واڳ سنڀالي ۽ پنهنجي حصي جي ڊيوٽي پوري ڪئي.

**نبوي تربيت جو ٻيو سبق: شوريٰ يعني مشاورت جي تربيت**

جڏهن پاڻ ﷺ بدر ڏانهن روانا ٿيا، تہ رستي ۾ ئي، جيئن تہ اسان ڄاڻون ٿا، الله تعاليٰ ٻن گروهن مان ڪنهن هڪ تي نصرت جو وعدو ڪيو. تنهن ڪري پاڻ ﷺ پنهنجي صحابہ کان صلاح ورتي، ۽ انهن چيو تہ: اسان وٽ بدر جي لشڪر جي مقابلي جي سگهہ ناهي، پر ان جي باوجود، رسول الله ﷺ متحد، منضبط ۽ منظم ٿي ڪري مڪمل تياريءَ سان دشمن جو مقابلو ڪرڻ چاهيو، نہ تہ اهو تصادم ڪيئن ممڪن هجي ها؟

پاڻ ﷺ فرمايو: "اي ماڻهو! مون کي ان باري ۾ مشورو ڏيو." پاڻ ڪريم ﷺ صحابہ جي لشڪر کان مشورو وٺي رهيا هئا، تہ ابوبڪر رضي الله عنه بيهي بهترين تقرير ڪئي. پوءِ عمر رضي الله عنه بيٺا ۽ تقرير ڪئي، اهڙيءَ طرح مقداد رضي الله عنه بہ اٿي ڳالهہ ڪئي. رسول الله ﷺ هر تقرير جي پڇاڙيءَ تي اهي لفظ ورجائيندا: "اي ماڻهو! مون کي هن معاملي ۾ مشورو ڏيو"!

انصار، ادب جي لحاظ کان، ابوبڪر و عمر رضي الله عنهما ۽ باقي مهاجرين جي اڳيان ڳالهائڻ کان ڪيٻائيندا رهيا، پر جڏهن رسول الله ﷺ مشورو طلب ڪرڻ تي اسرار ڪيو تہ سعد بن معاذ رضي الله عنه بيهي رهيا ۽ رسول الله ﷺ کي عرض ڪيائون: ڇا اوهان جو اشارو اسان (انصار) جي طرف آهي؟ تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ها! ڇو تہ جيڪو عهد انهن ۽ رسول الله ﷺ جي وچ ۾ هو، سو مديني جي اندر اوهان ﷺ جي حفاظت بابت هو، نہ تہ مديني کان ٻاهر، جڏهن تہ بدر جي جنگ مديني کان ٻاهر ٿي رهي هئي.

سعد رضي الله عنه انصار جي طرفان چيو: "اي الله جا رسول ﷺ!، اسان اوهان جي ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيٺل آهيون. خدا جو قسم، جيڪڏهن اوهان

اسان کي گڏ وٺي سمنڊ ۾ به ٽپو ڏياري ڇڏيو ته اسان مان ڪو به پٺتي نه موٽندو. اسان جنگ ۾ صبر ڪندڙ ۽ مقابلي جي وقت ثابت قدم رهندڙ ماڻهو آهيون. تنهن ڪري الله جو نالو وٺي اسان سان هلڻ شروع ڪيو. شايد الله اوهان کي اسان مان اها شيءِ ڏيکاري جيڪا اوهان جي اکين کي وڻندڙ هجي. هي رڳو زباني دعوائون نه آهن، ان شاء الله اوهان ڏسندؤ ته اسان جنگ ڪيئن وڙهون ٿا، اسان جو جنگي تجربو ڪيترو وسيع آهي، مقابلي ۾ اسان جي خلوص جو درجو ڇا آهي، ٽڪر لاءِ اسان جي تياري ڪيئن آهي، ۽ اوهان سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهڻ ۾ اسان ڪيترا يڪجان ۽ يڪزبان آهيون".

**نبوي تربيت جو ٽيون سبق: اڳواڻي ۽ قيادت جي تربيت**

**حضرت سعد بن معاذ** رضي الله عنه انتهائي ذهين ۽ غير معمولي اڳواڻ هئا. اها ڳالھ ته ٺيڪ آهي ته هو هڪ وڏي معرڪي لاءِ ماڻهن کي متحرڪ ڪري رهيا هئا، پر ساڳئي وقت ڪين اهو به معلوم هو ته اهو معرڪو سندن لاءِ نقصان جو سبب به ٿي سگهي ٿو.

سوچ ويچار ۽ تدبير، هڪ اڳواڻ لاءِ تمام ضروري شيءَ آهي، جڏهن ته هڪ عام سپاهيءَ لاءِ اها ڳالھ ضروري ناهي. سپاهيءَ جو ڪم رڳو وڙهڻ ۽ شهادت ماڻي پنهنجي مشن کي پورو ڪرڻ آهي. هتي **حضرت سعد** رضي الله عنه هڪ پاسي ته سخت جنگ لاءِ ماحول کي گرم ڪري رهيا هئا، ته ٻي پاسي مستقبل لاءِ جنگ جي حڪمتِ عملي، حڪمتِ جنگي، ۽ نتيجن جو حساب ڪتاب به ڪري رهيا هئا. هو پلاننگ ڪري رهيا هئا ته خدا نخواسته جيڪڏهن مسلمان شڪست کائين ته پوءِ ڪهڙي پاليسي اختيار ڪجي؟ هن خيال ڪين هڪ وڏي منصوبي ڏانهن راغب ڪيو.

رسول الله صلي الله عليه وسلم وٽ آيا ۽ عرض ڪيائون: اي الله جي رسول صلي الله عليه وسلم! ڇا اسين اوهان لاءِ ڪا اوٽ (پناه گاھ) نه ٺاهيون ۽ ان جي چوڌاري مضبوط گهيرو قائم نه ڪريون؟ ڇو ته هڪ اڳواڻ جي حفاظت ۽ گهيرو تمام ضروري آهي. ڇو ته هڪ اڳواڻ جي انجام سان ئي جنگ جو انجام ڳنڍيل هوندو آهي. ته پوءِ ڇا اسين اوهان لاءِ اهڙي جاءِ نه تيار ڪريون جتي اوهان

جي حفاظت يقيني هجي؟ پوءِ جيڪڏهن الله اسان جي نصيب ۾ فتح لکي آهي، تہ بہ انهي حالتن ۾ اوهان جي حفاظت يقيني هوندي.

منهنجا پيارا! هڪ ڪمانڊر جي مهم تي ڌيان ڏيو! اهم ڳالهہ اها نہ آهي تہ اسين پنهنجي پيارن کي قربان ڪريون، پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ اسين انهن جي حفاظت ۽ سلامتي کي يقيني بڻايون.

رسول الله ﷺ فرمايو: "جيڪڏهن ائين ناهي تہ انهن ريڙهين سان مديني طرف روانا ٿيو، ڇو تہ اتي ماڻهو موجود آهن، ۽ خدا جي قسم، اهي ماڻهو اوهان کان گهٽ نہ ٿا محبت ڪن".

سعد بن معاذ رضي الله عنه ڄاڻن پيا تہ مسلمانن جي طاقت صرف ايتري ناهي. مسلمانن کي اندازو ئي نہ هو تہ رسول ﷺ جنگ جي غرض سان نڪتا آهن، نہ تہ هو ٽولين جي صورت ۾ پنهنجن گهرن مان نڪري پون ها، ۽ تعداد ان کان ڪيتري ئي وڏيڪ هجي ها.

۽ چيو: "مان مديني وارن کي چڱيءَ ريت ڄاڻان ٿو، جيڪي اوهان سان سيني کان وڌيڪ محبت ڪن ٿا. هو اوهان جي قيادت ۾ الله جي راهہ ۾ وڙهڻ کي پسند ڪن ٿا، تان جو الله اسان کي فتح ۽ نصرت عطا ڪري".

۽ اهو هر اڳواڻ لاءِ سبق آهي تہ هو پنهنجي سپاهين بابت کهڙي سوچ رکي، پنهنجي پيارن جي صلاحيتن جو احترام ڪيئن ڪري، انهن کي ڪيئن سڏي، ۽ ڪيئن دعوت ڏئي. پوءِ هڪ ڪمانڊر لاءِ ڪجهہ اهم ڪم آهن، جيڪي عقل ۽ سمجهہ سان ڪرڻا آهن:

**پهريون ڪم** :وڏي پيماني تي ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ، تان جو پوري فوج وڙهڻ ۽ مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي.

**ٻيو ڪم** :فوج کي زندهہ ڪيئن رکجي، ۽ کهڙي طرح فتح کي ممڪن بڻائجي. ان جي مثال ڪٿو ملندي؟ الله جي رسول ﷺ جي سيرتِ طيبہ ۾ ان جي مڪمل مثال موجود آهي.

سعد بن معاذ رضي الله عنه منصوبو ٺاهيو، رسول الله ﷺ ان کي قبول ڪيو، پوءِ انهن رسول الله ﷺ لاءِ هڪ پناہ گاهہ تعمير ڪئي، ۽ الله تعالىٰ کين فتح ۽ نصرت عطا ڪئي.

# تقويٰ جي اهميت ۽ فضيلت

## سنڌيڪار: فقير امام بخش سڪندري

تقويٰ هڪ عظيم خزانو آهي، جيڪو مسلمان کي ملي وڃي ته هو ان ۾ ناياب گوهر، بيشمار ڀلايون، پاڪ رزق، وڏي ڪاميابي، عظيم فائدو ۽ اعليٰ بادشاهي حاصل ڪري ٿو. گويا دنيا ۽ آخرت جون سڀ ڀلايون هن هڪ صفت جي هيٺان گڏ ٿي وڃن ٿيون.

هي آخرت لاءِ بهترين توشو آهي، انسانن جي وچ ۾ فضيلت جو معيار آهي، خوبين جو سرچشمو آهي ۽ اعليٰ اخلاق ۽ اوصاف جو خزانو آهي.

**تقويٰ: معاني ۽ شرعي مفهوم**

تقويٰ جو مفهوم سمجهڻ لاءِ ابن منظور پنهنجي مشهور ڪتاب لسان العرب ۾ ابن الاعرابي کان جيڪو نقل ڪيو آهي، اهو روشني وجهي ٿو ته: ”التُّقاة، التّقيّة، التقوىٰ، ۽ الاتِّقاء“ سڀ هڪ ئي معنيٰ رکن ٿا. ابن منظور جي مطابق ”وقاه الله“ جو مطلب آهي: الله ان کي محفوظ رکيو يا بچايو. توهان ”وقيت الشيء“ تڏهن چوندا آهيو جڏهن اوهان ان کي محفوظ رکو ۽ نقصان کان بچايو.

اهڙي طرح ”توقىٰ“ ۽ ”اتقىٰ“ به ساڳي معنىٰ ۾ اچن ٿا. ”وقاء“ ۽ ”وقاية“ هر اها شيءِ آهي جيڪا ڪنهن شيءِ کي نقصان کان محفوظ رکي. جيڪڏهن چيو وڃي ته ”وقاک الله شر فلان وقاية“، ان جو مطلب آهي ته الله توکي فلاڻي جي شر کان محفوظ رکيو.

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه فرمايو ته تقي جي جمع اتقياء آهي. يعني هڪ شخص تقي تڏهن چئبو آهي جڏهن هو پنهنجي پاڻ کي نيڪ عملن جي ذريعي عذاب ۽ گناهن کان بچائي. حديث ۾ آيو آهي:

”كنا إذا احمرّ البأس اتقينا برسول الله ـ صلىٰ الله عليہ وسلم“

(جڏهن جنگ دوران شدت ايندي هئي ته اسان رسول الله ﷺ کي پنهنجي ڍال بڻائيندا هئاسين)

تقويٰ جي بهترين اصطلاحي تعريف امام راغب اصفهاني پيش

ڪئي آهي. هن چيو:
”تقويٰ اها آهي تہ انسان پنهنجي نفس کي ان شيءِ کان محفوظ رکي جنهن کان ڊپ ٿئي“

ڪڏهن ڪڏهن خوف کي بہ تقويٰ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ تقويٰ کي خوف، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن شيءِ جي سبب کي ان جي نتيجي جي نالي سان ۽ نتيجي کي سبب جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. شرعي طور تي تقويٰ جو مطلب آهي:

”نفس کي هر ان شيءِ کان بچائڻ جيڪا گناهہ جو سبب بڻجي، ۽ اهو محظورات (گناهن) کي ڇڏڻ سان حاصل ٿيندو آهي“

تابعي طلق بن حبيب تقويٰ جي هڪ نهايت جامع ۽ عمده تعريف پيش ڪئي آهي. هن فرمايو:

”تقويٰ اها آهي تہ ثواب جي اميد رکي، الله جي بخشيل نور بصيرت جي بنياد تي الله جي اطاعت ڪندي عمل ڪجي، ۽ ان ئي بصيرت جي بنياد تي الله جي عذاب کان ڊڄندي الله جي نافرمانيءَ کان پاسو ڪجي“

تقويٰ ۽ ان جا مشتق لفظ قرآن مجيد ۾ تمام گهڻو آيل آهن، جيڪو ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ تقويٰ جي قدر و قيمت ۽ ان تي قرآن جو زور ڪيتري حد تائين آهي. ڇو تہ تقويٰ هن دين جو مرڪزي محور آهي ۽ اها اصل بنياد آهي، جنهن تي ان جا سڀ احڪام ۽ تشريعات قائم آهن. حقيقت ۾، تقويٰ هر ان دين جي اساس آهي جيڪو الله تعاليٰ نازل ڪيو، ۽ هر نبيءَ جي وصيت جو مرڪزي مضمون رهيو آهي.

الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو:

”آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪجهہ آهي سڀ الله جو ئي آهي. اوهان کان اڳ جن کي اسان ڪتاب ڏنو هو، انهن کي بہ اها ئي هدايت ڪئي هئي، ۽ هاڻ اوهان کي بہ اها ئي هدايت ڪريون ٿا تہ الله کان ڊڄندي ڪم ڪيو. پر جيڪڏهن اوهين نہ مڃو تہ نہ مڃو، آسمانن ۽ زمين جي سڀني شين جو مالڪ الله ئي آهي ۽ هو بي نياز آهي، هر تعريف جو لائق آهي“

[النساء: ١٣١]

قرآن مجيد تقويٰ بابت مختلف انداز ۾ گفتگو ڪئي آهي، تہ جيئن ان جي اهميت کي اجاگر ڪري سگهجي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ ان جي محبت پيدا ٿئي. ڪڏهن قرآن تقويٰ جو حڪم ڏئي ٿو، ڪڏهن ترغيب جي انداز ۾ ڳالهائي ٿو، ڪڏهن متقين جون صفات بيان ڪري ٿو تہ جيئن انهن کي اختيار ڪيو وڃي، ۽ ڪڏهن تقويٰ جي نتيجي ۾ ملندڙ اجر ۽ ثواب جو ذڪر ڪري ٿو.

مثال طور، قرآن سڀني انسانن کي تقويٰ اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏيندي فرمائي ٿو:

”اي ماڻهو! پنهنجي رب کان ڊڄو جنهن اوهان کي هڪ جان مان پيدا ڪيو ۽ ان ئي جان مان ان جو جوڙو بڻايو ۽ انهن ٻنهي مان ڪيترائي مرد ۽ عورتون دنيا ۾ ڦهلايائين“(النساء :)

۽ الله تعاليٰ مؤمنن کي بہ حڪم ڏئي ٿو:

”اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو جيئن تہ ان کان ڊڄڻ جو حق آهي. ۽ اوهان کي موت نہ اچي پر ان حالت ۾ جو اوهين مسلمان هجو“[آل عمران: ١٠٢]

ايئن ئي نبي ڪريم ﷺ کي بہ حڪم ڏنو ويو:

”اي نبي (ﷺ)! الله کان ڊڄو ۽ ڪافرن ۽ منافقن جي تابعداري نہ ڪريو، بيشڪ علم وارو ۽ حڪمت وارو الله ئي آهي“[الاحزاب: ١]

۽ الله تعاليٰ اڳوڻين قومن کي بہ تقويٰ اختيار ڪرڻ جو حڪم انهن جي نبيّن جي زبان ذريعي ڏنو. جيئن حضرت نوح عليہ السلام جي زبان سان آيو:

"قوم نوح رسولن کي ڪوڙو قرار ڏنو. ياد ڪيو جڏهن انهن جي ڀاءُ نوح (عليہ السلام) چيو: ڇا اوهين ڊڄو نٿا؟ مان اوهان لاءِ هڪ امانتدار رسول آهيان، تنهنڪري الله کان ڊڄو ۽ منهنجي تابعداري ڪريو"

[الشعراء: ١٠٥-١٠٨]

ايئن ئي حضرت هود عليہ السلام جي زبان سان حڪم ڏنو ويو:

"قوم عاد رسولن کي ڪوڙو چيو. ياد ڪيو جڏهن انهن جي ڀاءُ هود عليہ السلام چيو: ڇا اوهين ڊڄو نٿا؟ مان اوهان جي طرف هڪ امانتدار رسول

آهيان، تنهنڪري الله کان ڊڄو ۽ منهنجي تابعداري ڪريو"
[الشعراء: ١٢٤-١٣٦]

نبي ڪريم ﷺ وضاحت فرمائي ته تقويٰ اها آهي ته انسان پنهنجي ۽ الله جي عذاب جي وچ ۾ هڪ ڍال بڻائي، ۽ اها نيڪ عملن ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي. جيئن حديث ۾ آيو آهي، جنهن کي عدي بن حاتم رضي الله عنه روايت ڪن ٿا:

"مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو ته: "دوزخ کان بچو، ڀلي هڪ ڪجور جي ٽڪري ذريعي ئي ڇو نه هجي" (بخاري و مسلم)

نعمان بن بشير رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو: "جنهن شخص مشتبه شيون ڇڏي ڏنيون، ان پنهنجي دين ۽ عزت کي محفوظ ڪيو" (صحيح بخاري و صحيح مسلم)

ايئن ئي ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو: "دنيا مٺي ۽ سرسبز آهي، ۽ الله توهان کي ان ۾ خليفو بڻائيندو ته جيئن ڏسي ته توهان ڪيئن عمل ڪندا. تنهنڪري دنيا کان بچو ۽ عورتن کان به بچو، ڇو ته بني اسرائيل جي پهرين آزمائش عورتن وسيلي ٿي هئي" (صحيح مسلم)

نبي ڪريم ﷺ جن جي عادت مبارڪ هئي ته پاڻ تقويٰ لاءِ دعا فرمائيندا هئا.

عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ دعا ۾ عرض ڪندا هئا: "اي الله! مان توکان هدايت، تقويٰ، پاڪدامني ۽ قناعت جو سوال ڪريان ٿو" (صحيح مسلم)

ايئن ئي ابو امامه صدي بن عجلان الباهلي کان روايت آهي، فرمائن ٿا: مون رسول الله ﷺ کي حجة الوداع جي خطبي ۾ فرمائيندي ٻڌو:

"الله کان ڊڄو، پنهنجون پنج نمازون پڙهو، رمضان جا روزا رکو، پنهنجو مال زڪوات ۾ ادا ڪريو، ۽ پنهنجي حاڪم جي تابعداري ڪريو، ته اوهين پنهنجي رب جي جنت ۾ داخل ٿيندؤ" (سنن ترمذي)

نبي ڪريم ﷺ سڀ کان وڏيڪ متقي ۽ الله کان ڊڄڻ وارا هئا.

انس بن مالڪ رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته ٽي ماڻهو رسول الله ﷺ وٽ آيا. انهن مان هڪ چيو: "مان ڪڏهن شادي نه ڪندس"، ٻئي چيو: "مان ڪڏهن روزو نه ڇڏيندس (هميشه روزو رکندس)"، ٽئين چيو: "مان ڪڏهن نه سمهندس (هميشه عبادت ڪندس)"

نبي ڪريم ﷺ فرمايو:

"الله جي قسم! مان توهان سڀني ڪان وڌيڪ الله ڪان ڊڄڻ وارو ۽ تقوىٰ اختيار ڪندڙ آهيان، پر مان روزو به رکان ٿو ۽ افطار به ڪندو آهيان، عبادت به ڪندو آهيان ۽ آرام به، ۽ مان شادي به ڪندو آهيان. جيڪو منهنجي سنت ڪان منهن موڙيندو، سو مون مان نه آهي"

(صحيح بخاري و صحيح مسلم)

نبي ڪريم ﷺ مختلف موقعن تي پنهنجي صحابه کي تقوىٰ اختيار ڪرڻ جي نصيحت فرمائي.

هڪ واقعو جيڪو ابو دائود حضرت عائشه رضي الله عنها ڪان روايت ڪيو آهي:

حضرت عائشه فرمائن ٿيون ته رسول الله ﷺ عثمان بن مظعون رضي الله عنه کي فرمايو:

"ڇا تون منهنجي سنت ڪان منهن موڙڻ ٿو چاهين؟"

حضرت عثمان جواب ڏنو: "نه، الله جو قسم، اي الله جا رسول! مان ته اوهان جي سنت جو طالب آهيان".

ان تي نبي ڪريم ﷺ فرمايو:

"مان سمهندو به آهيان ۽ نماز به پڙهندو آهيان، روزو به رکندو آهيان ۽ افطار به ڪندو آهيان، ۽ عورتن سان شادي به ڪندو آهيان. تنهنڪري، اي عثمان! الله ڪان ڊڄو." (سنن ابو داؤد)

حضرت جابر رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو:

"عورتن بابت الله ڪان ڊڄو، ڇو ته اوهان انهن کي الله جي امان ذريعي حاصل ڪيو آهي" (صحيح مسلم)

ايئن ئي ابو دائود حضرت سهل بن الحنظله ڪان روايت ڪيو آهي ته

رسول الله ﷺ هڪ اٺ جي ويجهو کان گذريا، جنهن جي چيله ان جي پيٽ سان لڳي پئي هئي (ڪمزوري سبب)، تہ پاڻ ﷺ فرمايو:

”انهن بي زبان جانورن بابت الله کان ڊڄو، انهن تي تڏهن سواري ڪريو جڏهن اهي صحيح حالت ۾ هجن، ۽ تڏهن انهن کي کائو جڏهن اهي صحيح حالت ۾ هجن.“ (سنن ابو داؤد)

صحابہ ڪرام، تابعين ۽ نيڪ ماڻهو تقويٰ اختيار ڪرڻ ۾ هميشہ ڪوشش ڪندا هئا. حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه پنهنجي خطبي ۾ فرمائيندا هئا:

"مان اوهان کي الله کان ڊڄڻ جي وصيت ڪريان، ۽ اهو تہ الله جي ان نموني تعريف ڪريو جيئن ان جو حق آهي، پنهنجي اميد ۽ خوف کي گڏ رکو، ۽ الله کان سوال ڪرڻ ۾ عاجزي ۽ اصرار گڏ ڪريو"

حضرت ابو بڪر رضي الله عنه ان تي حضرت زڪريا ۽ انهن جي اهل خاندان جي تعريف واري آيت تلاوت ڪئي:

”بيشڪ اهي نيڪين ۾ جلدي ڪندا هئا، ۽ اسان کي اميد ۽ خوف سان سڏيندا هئا، ۽ اسان جي آڏو عاجزي ڪندڙ هئا" (الانبياء : ٩٠)

وفات وقت حضرت ابو بڪر رضي الله عنه ، حضرت عمر رضي الله عنه کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو تہ انهن کي وصيت ڪئي:

"اي عمر! الله کان ڊڄو"

حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه پنهنجي پٽ عبدالله کي لکيو:

"اما بعد، مان توکي الله عزوجل کان ڊڄڻ جي وصيت ٿو ڪريان. جيڪو الله کان ڊڄي، الله ان جي حفاظت ڪندو، جيڪو الله کي قرض ڏيندو (يعني الله جي راه ۾ خرچ ڪندو)، الله ان کي بهتر بدلو ڏيندو، جيڪو الله جو شڪر ڪندو، الله ان کي وڌيڪ نعمتون ڏيندو. تنهنڪري تقويٰ کي هميشہ پنهنجي سامهون رکو، ۽ دل جي ميل کي ان سان ختم ڪريو".

حضرت علي هڪ شخص کي هڪ لشڪر جو ڪمانڊر بڻايو ۽ ان کي فرمايو:

"مان توکي الله عزوجل کان ڊڄڻ جي وصيت ٿو ڪريان، جنهن سان

تنهنجي ملاقات ضرور ٿيندي، ۽ ان کان سواءِ تنهنجو ڪو انجام نہ آهي. اهو دنيا ۽ آخرت جو مالڪ آهي".

امام سيوطي لکي ٿو تہ هڪ شخص حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان تقوىٰ بابت سوال ڪيو. ابو هريره ان کان پڇيو: "ڇا تون ڪڏهن ڪنڊن ۽ ڇيڻن واري واٽ تان لنگهيو آهين؟"

هن چيو: "ها"

پڇيو: "پوءِ تون ڇا ڪندين؟"

چيائين: "مان انهن کان بچي هلندو آهيان"

فرمايو: "اهو ئي تقوىٰ آهي"

اهو ئي سوال حضرت عمر رضي الله عنه بہ حضرت اُبي بن ڪعب رضي الله عنه کان پڇيو هو.

حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه هڪ شخص کي لکيو:

"مان توکي الله جي تقوىٰ جي وصيت ٿو ڪريان. جنهن کي الله کان سواءِ ڪو قبول نٿو ڪري، ۽ جنهن جي بغير الله ڪنهن تي رحم نٿو ڪري، ۽ ان جي بغير الله ڪنهن کي اجر نٿو ڏئي. بيشڪ ان جي وصيت ڪرڻ وارا تہ گهڻا آهن، پر ان تي عمل ڪندڙ ٿورا. الله اسان کي ۽ توهان کي متقين ۾ شامل فرمائي".

جڏهن انهن کي خلافت جي ذميواري ملي، تہ انهن خطبو ڏنو. الله جي حمد و ثناء ڪئي، ۽ فرمايو:

"مان اوهان سڀني کي تقوىٰ جي وصيت ٿو ڪريان، ڇو تقوىٰ سڀ ڪجھ اڳيان آهي، ۽ تقوىٰ کان پوءِ ڪجھ بہ نہ آهي".

حسن بصري رحمه الله فرمايو:

"اي ابن آدم! عمل ڪر، عمل ڪر، ڇو تہ عمل ئي تنهنجو گوشت ۽ رت آهي. تنهنڪري ڏس تہ تون پنهنجي عمل سان رب جي اڳيان ڪهڙي حالت ۾ بيهندين. بيشڪ متقين جون ڪجھ نشانيون آهن جن سان اهي سڃاتا وڃن ٿا: سچ ڳالهائڻ، وعدو پورو ڪرڻ، مائٽن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ، ڪمزور تي رحم ڪرڻ، تڪبر ۽ فخر کان پرهيز ڪرڻ، نيڪ عمل

ڪرڻ، رياڪاري ڪان بچڻ، ۽ سٺا اخلاق اختيار ڪرڻ".

تقويٰ مسلمان جي زندگيءَ تي وڏو اثر وجهي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهو انسان ۾ الله جي عذاب جي وچ ۾ هڪ ڍال بڻجي وڃي ٿو. جيڪو الله جي حڪمن جي پيرويءَ ۽ سندس نافرمانيءَ ڪان بچڻ جي بنياد تي ٺهيو آهي. تقويٰ جي ڪري انسان ٻين مسلمانن جي جان، مال ۽ عزت جي عزت ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته الله انهن سڀني کي حرام قرار ڏنو آهي.

تقويٰ انسان کي ظلم کان بچائي ٿو. حق ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿو، ۽ اهڙو شخص امانت، سچائي، وعدي جي وفا ۽ معاهدي جي پابندي ڪري ٿو. مختصر طور تي، تقويٰ انسان کي هر سٺي عمل جي طرف وٺي وڃي ٿو ۽ هر بديءَ کان بچائي ٿو.

**مصادر و مراجع:**


- ابن منظور: لسان العرب: ۹۷۱/۳ـ ۹۷۳
- الراغب الاصفهاني: المفردات، ص ۵۳۰
- عبدالله بن المبارك: ڪتاب الزهد ص ۴۷۳
- السيوطي: الدر المنثور ۶۱/۱
- ابن الأثير: جامع الاصول ۱۱/ ۷۰۳ـ ۷۰۴
- أبو نعيم: الحلية ۲/ ۱۴۳
- ابن رجب: جامع العلوم والحڪم ۲/ ۴۷۵ـ ۴۷۶

# صفرالمظفر – هڪ نظر

حافظ مظهر علي انڙ

اسلامي هجري سال جو ٻيو مهينو "صفرالمظفر" آهي، جيڪو محرم الحرام کان پوءِ اچي ٿو. هن مهيني کي اڳئين دور ۾ "منحوس" سمجهيو ويندو هو، خاص طور عربن جي جاهلي دور ۾، پر نبي ڪريم ﷺ ان تصور کي واضح طور رد ڪري ڇڏيو.

**مهيني جو تعارف ۽ معنيٰ**

"صفر" لفظ جي معنيٰ آهي "خالي هجڻ" يا "خالي ٿيڻ". ان نالي جي وجھ تسميه بابت مؤرخن جو خيال آهي تہ عرب، جنگين جي لاءِ جڏهن پنهنجا گهر ڇڏيندا هئا تہ انهن جا گهر خالي ٿي ويندا هئا، انهيءَ نسبت سان هن مهيني کي "صفر" سڏيو ويو.

اسلام اچڻ کان پوءِ نبي ڪريم ﷺ ان خرافاتي عقيدي جي سختي سان ترديد ڪئي. حديث مبارڪ ۾ اچي ٿو:

**"لا عدویٰ، ولا طيرة، ولا هامة، ولا صفر"**

(صحيح بخاري: حديث ٥٧٠٧)

"ڪو بہ بيماري پاڻهي نٿي لڳي، ڪو بہ پرندو يا مهينو نحوست وارو ناهي، ۽ صفر بہ نحوست وارو ناهي".

هن حديث مان ظاهر آهي تہ اسلام ڪنهن بہ مهيني، ڏينهن يا تاريخ کي منحوس قرار نہ ٿو ڏئي، سڀ وقت، ڏينهن، مهينا الله جي حڪمت سان مقرر ڪيل آهن.

**صفرالمظفر جا اهم تاريخي واقعا**

**١.حضرت امام حسن المجتبيٰ رضي الله عنه جي شهادت**

ڪجھ روايتن مطابق، امام حسن رضي الله عنه کي ٢٨ صفر تي زهر ڏنو ويو، جنهن سبب سندن شهادت ٿي. امام حسن صبر، تحمل، علم ۽ امت جي اتحاد جا داعي هئا.

**۲.حضرت امام علي رضا ﷺ جي شهادت**

۳۰صفر تي امام علي رضا جي شهادت پڻ بيان ڪئي وئي آهي. پاڻ اهل بيت جي فڪر، حلم، علم ۽ خدمتِ خلق جو روشن مثال هئا.

**۳.واقعه حره**

۶۳هجري ۾ پيش آيل دلخراش سانحو "واقعه حره" بہ هن مهيني ۾ پيش آيو، جڏهن يزيد جي فوجن مدينہ پاڪ جي حرمت کي لتاڙيو. ان واقعي مان مسلمانن لاءِ وڏو سبق آهي تہ اقتدار جي حرص، ظلم ۽ جبر انسانيت کي تباهہ ڪري ٿو.

**موجوده دور جا عقيدا ۽ بدعقيدگيون**

اڄ بہ ڪيترن ماڻهن ۾ صفرالمظفر بابت غير شرعي عقيدا موجود آهن. مثال طور،

- ان مهيني ۾ شادي يا نڪاح کان پاسو ڪرڻ
- سفر يا ڪاروبار شروع نہ ڪرڻ
- اسپتال ۾ داخل ٿيڻ کان ڊپ ڪرڻ

اهي سڀ خرافات جاهليت جي بقايا آهن. اسلام جو اصول آهي:

**"قل لن يصيبنا إلا ما كتب الله لنا"**

يعني: "چئو: اسان سان اهو ئي ٿيندو جيڪو الله اسان لاءِ لکيو آهي."

(توبہ: ۵۱)

**اصلاحي پيغام**

صفرالمظفر جي مهيني مان اسان کي ڪيترائي سبق ملن ٿا:

۱. **وقت جو قدر ڪرڻ**:اهو مهينو اسان کي وقت جي اهميت جو احساس ڏياري ٿو. تاريخ جي واقعات مان سبق وٺي، حال جي سڌاري لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

۲. **بدعقيدگين کان پاڪ رهڻ**:مسلمانن کي گهرجي تہ غير اسلامي روايتن، نحوست جي تصور، جوتشيءَ جي ڳالهين، يا بلا جا تصور ڇڏي، علم ۽ ايمان جي روشنيءَ ۾ زندگي گذارين.

۳. **اصلاح لاءِ ڪم ڪرڻ**: علماءَ، خطباءَ، مدرسا، ادارا، والدين ۽ استاد سڀ گڏجي عوام کي درست تعليم ڏين. صفرالمظفر کي نحوست بدران صبر، علم، شهيدن جي ياد ۽ تاريخي شعور جو مهينو بڻائين.

صفرالمظفر صرف هجري سال جو هڪ مهينو نہ آهي، بلڪ اهو تاريخ، فڪر ۽ اصلاح جو پيغام ڏيندڙ مهينو آهي. ان مان اسان سکي سگهون ٿا تہ وقت جي قدر ڪجي، جهالت کان نڪري يقين، عقل، علم ۽ دين جي روشنيءَ ۾ اڳتي وڌجي. مسلمانن لاءِ ضروري آهي تہ خرافات کان بچي، پنهنجي عقيدي جي اصلاح ڪن ۽ پنهنجي زندگيءَ کي سيرتِ نبوي ﷺ مطابق سنوارين.

**گذارش**

**ماهوار الراشد جي محترم قارئين ۽ نمائندن کي گذارش تي ڪجي ته رسالي جي بقايا جات هن نمبر(ايزي پيسه) تي موڪلڻ جي عنايت ڪن.**

**مولانا اسرار احمد ڏاهري سڪندري**

**03237694070**

# فقه جي اصولن جو تعارف،
# تاريخي پس منظر ۽ اڄوڪي دور ۾ اهميت

حافظ ديدار حسين سکندري

اسلامي شريعت هڪ جامع نظامِ حيات آهي، جنهن جي ذريعي انسان انفرادي ۽ اجتماعي زندگي جا سڀ پهلو صحيح نموني سان گذاري سگهي ٿو. شريعت جي تفصيل لاءِ فقه جي علم جي ضرورت آهي، ۽ فقه جي پٺيان جيڪو فڪر ۽ اصولي نظام ڪم ڪري ٿو، اُن کي **"اصول الفقه "**چيو ويندو آهي. اصول الفقه اهڙا ضابطا، قاعدا، ۽ اصول مهيا ڪري ٿو، جن جي ذريعي فقيه شرعي حڪمن کي ڪڍي ٿو ۽ انهن تي صحيح فتویٰ جوڙي ٿو.

**١.اصول الفقه جي تعريف**

"اصول" معنيٰ بنياد، قاعدو يا ضابطو، ۽ "فقه" معنيٰ دين جي قانونن جي ڄاڻ.

تنهن ڪري "اصول الفقه" اُن علم جو نالو آهي، جنهن ۾ قرآن، سنت، اجماع، قياس، استحسان وغيره ذريعي احڪام شرعيه جي دليلن جي قاعدن ۽ ضابطن کي سمجهايو ويندو آهي.

**تعريف:**

اصول الفقه هو علم آهي، جنهن ۾ دليلن جي قسمن، انهن جي حيثيت، ۽ انهن مان استدلال جا طريقا بيان ڪيا وڃن.

**٢.اصول الفقه جي تاريخي ارتقا**

اصول الفقه جو باقاعده بنياد امام شافعي رحمه الله جي ڪتاب **"الرسالة "**سان پيو. ان کان اڳ به فقهاء اصولن تي عمل ڪندا هئا، پر لکڻ جي صورت ۾ ترتيب نه هئي. امام ابو حنيفه ۽ امام مالڪ جا اصول **بعد** ۾ انهن جي شاگردن مرتب ڪيا.

- امام شافعي جي "الرسالة" پهريون اصولي ڪتاب آهي.

- حنفي اصولن کي ترتيب ڏيڻ ۾ امام ابو يوسف، امام محمد ۽ بعد وارن حنفي اصولين جو وڏو ڪردار رهيو.
- بعد ۾ امام آمدي، امام رازي، امام غزالي، ابن قدامہ ۽ ٻين وڏن اصولين اصول الفقہ کي علمي ۽ منطقي بنيادن تي آندو.

### ۳. فقہ جا بنيادي ذريعا

اصول الفقہ جي مدد سان فقيہ هيٺيان ذريعن مان شرعي حڪم اخذ ڪري ٿو:

۱. **قرآن** –سڀني شرعي حڪمن جو اصل سرچشمو.
۲. **سنت** –نبي ڪريم ﷺ جا قول، فعل، ۽ تقرير.
۳. **اجماع** –علمن جي متفق راءِ.
۴. **قياس** –ڪنهن نئين مسئلي کي ساڳئي اصول تي قياس ڪرڻ.

انهن کان سواءِ حنفي فقها استحسان، عرف، استصحاب، مصالح مرسله، ۽ سدّ ذريعہ کي بہ قبول ڪن ٿا.

### ۴. اصول فقہ جا اهم موضوعات

اصول الفقہ جا بنيادي بحث هيٺين شين تي ٻڌل آهن:

- **الفاظ ۽ اُنهن جو مفهوم :**عام، خاص، مطلق، مقيد، صريح، ڪنايو.
- **امر و نهي :**حڪم ۽ منع جا اصول.
- **ناسخ و منسوخ :**منسوخ حڪمن جي سڃاڻپ.
- **دليلن جي درجابندي :**مثلاً قرآن مقدم، پوءِ حديث، پوءِ اجماع، پوءِ قياس.
- **مجتهد ۽ اجتهاد :**فتويٰ ڏيڻ جو اهل ڪير آهي؟
- **تعارض ۽ ترجيح :**ٻن دليلن ۾ ٽڪراءُ جي صورت ۾ ڪهڙو دليل ترجيحي آهي؟

### ۵. اصول الفقہ جي اهميت جديد دور ۾

اڄ جو دور نون نون مسئلن، معاشي، طبّي، ٽيڪنيڪل، ۽ سماجي حالتن سان ڀريو پيو آهي. اصول الفقہ جي ذريعي:

- نون مسئلن تي اجتهاد ڪري سگهجي ٿو.

- غير اسلامي قانونن کي شرعي پرک تي پرکي سگهجي ٿو.
- عام مسلمانن کي دين بابت صحتمند، متوازن راءِ ڏئي سگهجي ٿي.

**٦. اصول الفقہ جي جديد خدمتون**

- **اسلامڪ فقهه اڪيڊميون** دنيا ۾ اصول الفقہ جي بنيادن تي فيصلا ڪري رهيون آهن.
- **جدت ۽ اجتهاد** جي دروازن کي بند نہ ڪرڻ جي سوچ وڌي رهي آهي.
- **مقاصدِ شريعت** جو نئون اصولي رجحان سامهون آيو آهي، **جنهن ۾** مصلحت، انساني بهبود، عدل، ۽ رحمت کي بنياد بڻايو ويو آهي.

اصول الفقہ فقط هڪ علمي مضمون نہ آهي، پر اها اسلامي فڪر ۽ قانون جي جان جو دل آهي، جيڪا فقہ کي صحيح رستي تي هلائڻ لاءِ راهنمائي ڪري ٿي. اڄ جي دور ۾، جڏهن مختلف نوان مسئلا جنم وٺي رهيا آهن، اصول الفقہ جي اهميت وڌيڪ وڌي وئي آهي. ان ڪري علمن، شاگردن ۽ محققن لاءِ ضروري آهي تہ اصول الفقہ جي بنيادن کي ڄاڻي، اجتهاد، استنباط، ۽ فتويٰ جي عمل کي صحيح انداز ۾ انجام ڏين.

**مراجع و مصادر:**

الامام الشافعي، الرسالة
ابن قدامہ، روضة الناظر
الآمدي، الاحكام في أصول الاحكام
الغزالي، المستصفیٰ
الدڪتور وهبة الزحيلي، أصول الفقہ الاسلامي

# شان اولياءِ ڪرام

## عطاءُ الرسول اڄڻ سڪندري

الله تعاليٰ جي نيڪ بندن، يعني اولياءِ ڪرام، جو ذڪر قرآن پاڪ ۽ احاديث نبوي ﷺ ۾ وڏي عظمت سان آيو آهي. انهن جي حيثيت نہ رڳو دين جي محسنن جي آهي، پر انهن جي زندگي، اخلاص، عبادت، ۽ ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيل خدمتون مسلمانن لاءِ مشعلِ راه آهن.

قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي:

أَلَآ إِنَّ أَوْلِيَآءَ ٱللَّهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ

”خبردار! بلاشبه الله جا ولي آهي جيڪي نَ خوفزده ٿيندا آهن نَ ئي غمگين ٿيندا.“ (سوره يونس : ٦٢)

هي آيت واضح طور تي ٻڌائي ٿي تہ الله جا ولي خاص بندا هوندا آهن، جن تي دنياوي يا اخروي خوف نہ هوندو، ڇو تہ انهن جي زندگين جو محور رڳو الله جي رضا هوندي آهي.

**حديث نبوي ﷺ جي روشني ۾**

حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ فرمايو:

"الله تعاليٰ جا ڪجھ اَهڙا ٻانها هوندا، جيڪي نَبي ۽ شهيد نہ هوندا، پر نَبي ۽ شهيد بہ انهن تي رشڪ ڪندا".

جڏهن هڪ اَعرابي سوال ڪيو تہ: "يا رسول الله! اهي ڪير آهن؟" تہ حضور ﷺ فرمايو:

"اهي مختلف قبيلن مان هوندا، جيڪي الله جي رضا لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪندا. الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن انهن لاءِ نور جا منبر تيار ڪندو، جن تي اهي ويهندا. جڏهن سڀ ماڻهو خوفزده هوندا، تڏهن انهن کي ڪوبہ خوف نہ هوندو. اهي الله جا دوست هوندا، جن تي نہ خوف هوندو نہ غم".

هي حديث اولياءِ ڪرام جي روحاني مقام ۽ سندن اخلاص جي

سچائيءَ جو دليل آهي. سندن محبت ۽ دشمني سڀ ڪجهه الله جي رضا خاطر هوندي آهي، نه ذاتي مفادن لاءِ.

**جنت ۾ بلند مقام**

حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه روايت ڪن ٿا ته رسول ﷺ فرمايو: "الله جي رضا خاطر محبت ڪندڙ ماڻهو جنت ۾ اهڙا هوندا جو جيئن ڪو ستارو اوڀر يا اولهه کان اُڀري ٿو، انهن جا محل ٻين کي پري کان نظر ايندا. ماڻهن کان پڇيو ويندو: 'اهي ڪير آهن؟' جواب ملندو: 'اهي اهي آهن، جيڪي الله جي رضا لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪندا هئا.“ (تفسير دُرّ منثور)

**ڪرامات: وليءَ جي نشاني**

ڪرامات، ڪرامت جو جمع آهي، جنهن جو لغوي مطلب آهي تعظيم يا عزت. شرعي اصطلاح ۾ "ڪرامت" اهو غير معمولي ڪم آهي، جيڪو الله تعاليٰ پنهنجي وليءَ جي هٿان ظاهر فرمائي، جيئن ته عام قاعدن خلاف ڪو ڪم سندس هٿان ظاهر ٿئي، پر ان جو مقصد سندن سچائي يا الله جي مدد ڏيکارڻ هوندو آهي.

ڪي ماڻهو اڻ ڄاڻائيءَ ۾ وليءَ جي ڪرامت کي "معجزو" چون ٿا، جيڪو غلط آهي، ڇاڪاڻ‌جو معجزو صرف نبيءَ لاءِ مخصوص آهي، جڏهن‌ته ڪرامت وليءَ جي لاءِ.

هن فرق کي مفصل انداز ۾ "مرآة المناجيح" جلد ٨، صفحو ٢٢٩ تي بيان ڪيو ويو آهي.

**اولياءِ ڪرام کي اختيار**

الله تعاليٰ پنهنجي دوستن، يعني اوليائن کي خاص طاقت ۽ تصرف عطا فرمائي ٿو. جيڪي اولياء دين جي خدمت، خلق خدا جي خيرخواهي، ۽ روحاني تربيت ۾ مصروف ٿين، انهن کي روحاني اختيار به عطا ٿيندو آهي. اهي حضرت محمد ﷺ جا روحاني نائب هوندا آهن، ۽ سندن تصرف به انهيءَ نبوي نيابت جي برڪت سان ٿيندو آهي.

**اولياءِ ڪرام سان محبت رکڻ فرض ڇو؟**

اسلامي عقيدي مطابق، اولياءِ ڪرام سان محبت رکڻ لازم آهي، ڇوته:

١. اولياءِ ڪرام جي ڪرامت حق آهي، ان جو انڪار گمراهي آهي.
٢. انهن جي مزارن تي حاضري سعادت، برڪت، ۽ روحاني فيض جو وسيلو آهي.

اسلام اسان کي اولياءِ ڪرام جي عزت ڪرڻ، سندن تعليمات تي عمل ڪرڻ، ۽ سندن صحبتن مان فيض حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. انهن جي محبت صرف زباني دعويٰ نه، پر سندن سيرت جي پيروي به ضروري آهي.

اولياءِ ڪرام الله تعاليٰ جا خاص بندا، پاڪباز، ۽ صادق انسان هوندا آهن، جن جي زندگي جو مقصد صرف ۽ صرف رب جي رضا حاصل ڪرڻ هوندي آهي. انهن سان محبت رکڻ نه رڳو هڪ روحاني فيض جو ذريعو آهي، پر اهو اسلام جي مڪمل تعليم جي علامت آهي. اڄ جي دور ۾ جڏهن عقيدي جي ڪمي ۽ ظاهريت غالب آهي، ته اهڙي وقت ۾ وليءَ جي صحبت، سندن تعليم، ۽ سندن زندگي جي عملي پيروي مسلمانن لاءِ نجات جو رستو آهي.

# حضرت پيرسائين چٽ ڌڻي قدس سره جي همه گير شخصيت

ميمونه سڪندريه

بنت مفتي عبدالوهاب سڪندري

**نالو ۽ لقب:** سيد سڪندر علي شاھ سندن عرفي ۽ سيد شاھ مردان شاھ خانداني نالو مبارڪ آهي سندن ڏاڏي بزرگ جي نسبت سان ۽ لقب چٽ ڌڻي آهي.

**ولادت:** ٢٧صفرالمظفر ١٣٤٧هجري ٢٢نومبر ١٩٢٨ع تي ٿي سندن ولادت مبارڪ موجوده درگاھ شريف تي ٿي.

**پرورش:** اڃان سندن عمر مبارڪ اڍائي سال هئي جو سندن والد ماجد کي حڪومت برطانيہ گرفتار ڪري بنگال پهچايو، جنهن ڪري سندن سار سنڀال مقتدر خليفا ڪندا هئا.

**تعليم ۽ تربيت:** ١٣٥٥ ۾ سندن جا والد ماجد قيد کان آزادي حاصل ڪري ٧رمضان المبارڪ تي درگاھ مبارڪ پهتا تہ پنهنجي ٻنهي صاحبزادن جي تعليم ۽ تربيت جو بندوبست ڪيو. سندن والد ماجد کي انگريزن جڏهن ٻيو دفعو گرفتار ڪيو ان وقت سندن عمر ١٣سال هئي.

**جلا وطني ۽ تعليم تربيت:** پير سائين چٽ ڌڻي بادشاھ ۽ سندس برادر نادر علي شاھ کي تعليم بهاني انگلينڊ جي هڪ خانگي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو جيئن انهن کي اهڙي تعليم ڏني وڃي تہ جيئن هو خانداني روايتن کان منهن موڙي انگريزن جو وفادار دوست بنجي ان اسڪول ۾ ٻين ملڪن جي باغي ليڊرن جا ٻار بہ شامل هئا.

**وطن واپسي ۽ گادي جي بحالي:** ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو ڪانگريسي اڳواڻن وڏي ڪوشش ڪئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح حر مجاهد جيڪي انگريزن جي خلاف رهيا حڪومت پاڪستان سان بہ ٽڪرائجن ۽ پاڪستان حڪومت انتشار جو شڪار ٿي وڃي پر خاندان راشديہ جي خانداني مرشد حضرت پير سيد حاجي محمد افضل شاھ

جيلاني جلدي ميدان عمل ۾ آيا ان پنهنجي خداداد صلاحيتن کي عمل ۾ آڻي ڪانگريسي اڳواڻن جي هن خطرناڪ سازش کي ناڪام بنايوءِ حڪومت پاڪستان جي طرف وفاداري ۽ تعاون جو هٿ وڌائي پيران پاڳاره جي گادي بحال ڪرائڻ جون ڪوششون شروع ڪيون.

پير افضل شاهه جيلاني حڪومت پاڪستان کي سڀني حالتن کان باخبر ڪندي مسند پاڳارو بحال ڪرڻ جي ڪوشش جو آغاز ڪيو، شيخ دين محمد ڪشميري سنڌ جو گورنر هيو جيڪو سيد افضل شاهه جيلاني جو مريد هيو پير افضل شاهه جيلاني پيران پاڳاره جي گادي بحال ڪرڻ جي ذميداري گورنر سنڌ جي حوالي ڪئي جنهن جي حمايت وڏيڪ پين قومي رهنمائن جي طرفان بہ ٿي حڪومت گادي بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو گورنر سنڌ پير جو ڳوٺ حاضر ٿيو جتي پير افضل شاهه ۽پيا آفيسر بہ موجود هيا

گورنر سميت تمام ماڻهو درگاهه مبارڪ روضي ڏٺي ۽ پيران پاڳاره جي رهائش گاهن کي برطانوي حڪومت جي طرفان تباهه ڪيل منظر ڏسي آبديده ٿي ويا فوري طور تي درگاهه ۽ رهائش جي تعمير جو حڪم جاري ڪيو، گادي جي بحالي جون تياريون شروع ڪيون. ٻئي شهزادا انگلستان ۾ زير تعليم هيا انهن کي واپس آندو ويو، هڪ دفعو ٻيهر وڏي وقت ڪانپوءِ ١٩٣٦جي طرح جشن جو ماحول هيو ماڻهو پنهنجي مرشدزادن کي ڏسڻ لاءِ بيتاب هيا ٤فيبروري ١٩٥٢ تي هڪ عظيم الشان روحاني اجتماع ۾ راشديہ خاندان جي وقار ۽ روايتن جي عين مطابق باهمي مشاورت سان شاهه مردان شاهه ثاني پير پاڳارو ستون منتخب ٿيا، فضا الله اڪبر ۽ ڀيڄ پاگارا جي نعرن سان گونجي هر پاسي خوشحالي جا نغما برپا هيا هر طرف کان محبت جا پيغام اچي رهيا هئا حر جماعت کي وڏي سنگين ۽ اذيت ناڪ حالتن مان گذرڻ ڪانپوء خوشي جو ڏينهن ڏسڻ نصيب ٿيو.

**دعا جو انداز:** پاڻ هميشہ دعا گهرڻ وقت نيڻ بند ڪري پنهنجي ساڄي هٿ جون آڱريون کاٻي هٿ جي آڱرين تي رکي دعا گهرندا هئا. دعا ۾

سندن الفاظ مبارڪ ”يا رب محمد“ يا وري ”اي منهنجي محمد جا الله“ هوندا هئا.

ان پياري نسبت ۽ واسطي سان گهريل دعائون يقينا قبول هونديون آهن. پاڻ پنهنجي جامع دعائن سان عموما ملت اسلاميه ۽ خصوصا جماعت کي رنگي ڇڏيو.

**علم ۽ عالمن سان محبت:** پير سائين سردار کي علم سان انتهائي گهڻي محبت هئي جنهن جو مثال درگاه شريف تي عظيم الشان لائبريري ۽ خطابن ۾ هميشہ علم حاصل ڪرڻ جي تلقين آهي ڪتابن سان محبت جو هڪ نقل اوهان جي اڳيان پيش ڪيان ٿي فقير سائين محمد اسماعيل ميمڻ سڪندري استاد قاري محمد حنيف سعيدي صاحب ڪان روايت ڪن ٿا تہ جڏهن پاڻ نئين لائبريري ڏانهن پنهنجا ڪتاب منتقل ڪن پيا تہ هڪ هڪ ڪتاب کي بار بار ايئن حسرت سان ڏسن پيا ڄڻ پاڻ انهن ڪان موڪلائيندا هجن۽ پوءِ جڏهن تقريبا ڪافي ڪتاب سندن ذات ڪان ٿورو پري ٿيا تہ ذرا وڏي آواز سان مرڪي فرمايائون تہ اڙي هي موکي ڏاڍو هنيو ٿا وڃن.

عالمن سان محبت جو اندازو اوهان ان مان بخوبي لڳائي سگهو ٿا تہ هرسال ٢٧رجب شريف جي موقعي تي پاڻ ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ جي عالمن کي درگاه شريف تي مدعو ڪندا هيا ۽ رات جي ماني بہ انهن سان گڏ واپرائيندا هئا.

**سياست:** پير سائين سردار جن جي سياست ملڪ پاڪستان جي تمام سياستدان ڪان مختلف هئي پاڻ فرمائيندا هئا ته منهنجي پنهنجي سياست آهي پنهنجا مسئله آهن پنهنجو نظريو آهي پاڻ ١٩٥٣ع ڪان ئي سياست ۾ هيا پير سائين سردار هميشہ ملڪ جي مفادن ۾ سياست ڪئي نہ کي اڄڪلهہ جي سياستدانن وانگر ذاتي مفادن لاء پير سائين سردار سياست ۾رهي هميشہ حسينيت جو ڪردار ادا ڪيو. ڪهڙو به مطلق العنان حڪمران هجي انهي کي هميشہ منهن تي سچ چيو.

پاڻ فرمائين ٿا سياست ۾منهنجي شروعات منهنجي مجبوري هئي

مون کي سياست مان اڄ تائين ڪجھ حاصل نہ ٿيو آهي وڃايو آهي پايو نہ آهي.

**خدمات عاليه:** پاڻ انگريزن جي بمباري سان تباھ ٿيل وڏي ڪوٽ کي ان جي ساڳي حالت تي وري تعمير ڪرايو ۽ پير سائين روضي ڌڻي ﷫ جي مزار مبارڪ کي بہ نئين طرح تعمير ڪرايو جيئن تہ پراڻي مدرسي جامعہ راشديہ جي توسيع ۽ مرمت ڪرائي ان ۾ اسلامي علمن جي تعليم جو مستحڪم انتظام ڪيو ان مدرسي ۾سوين طالب علمن جي تعليم ۽ انهن جي رهائش ۽ طعام جو بهترين بندوبست ڪيو ويو هر سال ڪيترائي طالب علم درستار فضيلت حاصل ڪندا آهن ۽ اهڙي طرح طالب علم حفظ قرآن ۽ تجويد جي سند حاصل ڪندا آهن ان مدرسي جا فارغ التحصيل عالم ملڪ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن جيڪي امامت خطابت ۽ درس تدريس جي ذريعي ديني خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن انهن مان گهڻن عالمن مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مدرسا قائم ڪيا آهن جن جو الحاق جامعہ راشديہ پير جو ڳوٺ سان آهي ۽ هي مدرسا درس ۽ تدريس ۽ اشاعت اسلام جي لاءِ بي بها خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

**وصال پر ملال:**پاڻ مختصر علالت ڪانپوءِ تاريخ ١٠جنوري ٢٠١٢بمطابق ١٦صفرالمظفر ١٤٣٣هجري اڱاري جي رات ٨٣سال جي عمر ۾ دارالفنا کان دارالبقا جي طرف روانا ٿي ويا.

**خدا رحمت ڪنند اين عاشقان پاڪ طينت را**

**ساٿي ۽سونهان :**

تذڪره پيران پاڳارا

پير صاحب پاڳارو محسن ملت ۽ اهل قلم

پاڳارا آئينو سوالن ۽ جوابن تي مشتمل

# ٻارن جي تربيت – هڪ مسلسل جدوجهد

مولانا محمد رفيق سڪندري

اسلامي شريعت جي واضع تعليمات ۽ مختلف تجربي ۽ تحقيق مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته ٻارن جي تربيت به زراعت جيان تدريجي ۽ ڪل وقتي ڪم آهي. اها ڪنهن ڪارخاني جيان نه آهي، جتي خام مال وجهي فوري طور تي تيار شيون ٻاهر نڪري اچن. ٻارن جي تربيت ڪنهن ڪارخاني جي پيداوار وانگر نه آهي، پر اها ان ٻج جيان آهي، جيڪو زمين ۾ پوکيو وڃي ٿو.

**تربيت جي شروعات :** هڪ مسلمان لاءِ ضروري آهي ته هو اهڙي نيڪ عورت (زال) جو انتخاب ڪري، جيڪا صالحيت ۽ تقويٰ جي بنياد تي ان سان ٻارن جي سٺي تربيت ۾ مدد ڪري سگهي. هوءَ ابتدا ۾ ٻارن تي نظر رکي ، انهن کي خراب ماحول کان بچائي، جيئن انهن جي شخصيت مثبت بڻجي سگهي، ۽ مستقبل جي چئلينجن کي قبول ڪري سگهي. اهڙا ٻار پوءِ معاشري ۾ نيڪيءَ جو مثال بڻجن ٿا.

**تربيت، زراعت جيان ڇو؟** ٻارن جي تربيت کي زراعت سان تشبيه ڏني ويندي آهي، جتي هڪ زميندار پوک ڪرڻ کان اڳ بهترين زمين، مناسب موسم ۽ سٺو ٻج چونڊي ٿو. هو ڪمزور يا خراب ٻج رد ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح، هڪ باشعور مرد نيڪ ۽ ديندار عورت جي چونڊ ڪري ٿو، جيڪا ان سان گڏجي صالح اولاد جي تربيت ڪري.

**ٻج، آبياري ۽ حفاظت ــ روحاني تربيت سان مشابهت:** جڏهن زميندار ٻج پوکي ٿو، ته ان کي وساري نٿو ويهي. هو ان جي آبياري، کاڌ خوراڪ، ۽ جراثيم کان بچاءُ لاءِ مڪمل بندوبست ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت، هڪ والد يا سرپرست تي به فرض آهي ته هو پنهنجي ٻارن جي روحاني ۽ جسماني پرورش جو خيال رکي.

روحاني غذائن ۾: علم، فڪر، وعظ ۽ نصيحتون شامل آهن.

جسماني ضرورتن ۾: کاڌ خوراڪ، صحت جي سنڀال، آرام ۽ تربيت

**ٻارن جي تربيت جا فطري مرحلا:** ٻار جي تربيت هڪ تدريجي ۽ فطري عمل آهي، جيڪو وقت، محنت، ۽ صبر سان پورو ٿئي ٿو، تڏهن وڃي هڪ مڪمل ۽ بااخلاق انسان ٺهي ٿو. ٻارن جي تربيت دين جو اهم فريضو آهي. قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي:

"اي ايمان وارؤ! پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي اُن باهه کان بچايو، جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر هوندا. اُن تي سخت ۽ ڪاوڙيل فرشتا مقرر ڪيل آهن، جيڪي الله جي حڪمن جي نافرماني نٿا ڪن، ۽ جيڪو حڪم ڏنو وڃي ٿو، اُهو پورو ڪن ٿا". (التحريم: ٦)

حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه فرمايو:

"پنهنجي اهل وعيال کي باهه کان بچايو، يعني انهن کي علم ۽ ادب سيڪاريو".

حضرت حسن رضي الله عنه ان جي تشريح هن ريت ڪن ٿا:

"انهن کي نيڪيءَ جو حڪم ڏيو، برائيءَ کان روڪيو، حلال حرام سيڪاريو، ۽ گناهن کان بچڻ جي تلقين ڪريو".

علامه سمرقندي رحمة الله عليه چون ٿا:

"گهر وارن کي باهه کان بچائڻ جو مطلب اهو آهي ته انهن کي اهڙيون ڳالهيون سيڪاريو، جيڪي سندن نجات لاءِ فائديمند هجن".

علامه بيضاوي رحمة الله عليه لکن ٿا:

"انهن کي نصيحت ۽ ادب سان سنواريو، ته جيئن اهي دوزخ جي باهه کان بچي سگهن".

**والدين جي ذميواري:** ڪيترائي والدين پنهنجن ٻارن کي ڏسي خوش ٿين ٿا، انهن سان کيڏن ٿا، سندن روزاني ضرورتون پوريون ڪن ٿا، پر سندن اخلاق، دين، ۽ تربيت تي تڏهن ڌيان ڏين ٿا جڏهن ڪو مسئلو پيدا ٿئي. ان وقت تائين گهڻو قيمتي وقت ضايع ٿي چڪو هوندو آهي.

ٻار جي عمر جا ڪجهه اهم مرحلا آهن:

- ۵سال
- ۷سال

- ٩سال
- ۽ خاص طور تي سِنِ بلوغت (١٢ سال يا وڏيڪ) جي عمر تائين.

ان وقت تي اچي والدين کي احساس ٿئي ٿو، ٻار تہ تربيت کان سواءِ وڏو ٿي ويو! پر ان وقت ”وڏي وڻ ٿيل“سڌو ٿيڻ بجاءِ ٽٽي سگھي ٿو.

تنهنڪري جيڪڏهن والدين چاهن ٿا تہ سندن ٻار سندن لاءِ "اکين جو ٺار“ بڻجن تہ انهن جي تربيت جي شروعات جلد کان جلد ڪرڻي پوندي.

**مفيد مشورا:**

١. **شروعات رحمِ مادر کان ڪريو** –ٻار جي شڪل، سيرت، عادت، ۽ مستقبل جي بنياد اتي ئي پئجي ٿي.

٢. **ٻارن کي ننڍپڻ کان ادب سيکاريو** –ادب، عبادت، وقت جي پابندي، صفائي، ۽ اخلاق.

٣. **دين جي بنيادي تعليم ڏيو** –نماز، قرآن، حلال حرام، نبي ﷺ جي سيرت.

٤. **ٻارن سان محبت ڀريو رويو رکو** –سختي نہ، پر شفقت، گفتگو، ۽ مثالن سان نصيحت ڪريو.

٥. **پنهنجو عمل سندن لاءِ مثال بڻايو** –ٻار اهو ڪندا آهن، جيڪو والدين جي عمل ۾ ڏسندا آهن.

**اولاد جي تربيت – اسلامي رهنمائي**

**نيڪ اولاد لاءِ دعا:** حضرت زڪريا عليہ السلام جيان نيڪ اولاد لاءِ دعا ڪرڻ مؤمنن جو شيوو رهيو آهي (آل عمران: ٣٨، الفرقان: ٧٤).

**رزق حلال ۽ ذڪر الٰهي:** حمل کان اڳ ۽ دوران ماءُ رزق حلال اختيار ڪري ۽ ذڪر الٰهي ۾ رهي تہ اولاد تي سٺو اثر پوي ٿو.

**پيدائش کان پوءِ جو دور:** ٻار ابتدائي عمر ۾ آس پاس جي ماحول مان سکندو آهي، ان لاءِ والدين جي روييِ، عادتن ۽ اخلاقيات جو خاص خيال رکڻ ضروري آهي.

**تربيت لاءِ الله کان مدد:** والدين کي گھرجي تہ اولاد جي تربيت لاءِ الله کان مدد طلب ڪن، ڇو تہ حقيقي توفيق الله وٽان ئي آهي.

**بددعا کان پرهيز:** اولاد لاءِ هميشہ دعا ڪرڻ گهرجي، خاص طور تي هدايت جي، ڇو تہ بددعا مؤثر ۽ خطري واري آهي.

**ايمانيات جي تعليم:** ننڍي عمر کان ئي توحيد، رسالت، نماز، ايماني اقرار وغيره سيکارڻ گهرجن، جيئن دلين ۾ الله جي محبت ويهي وڃي.

**اخلاق ۽ اوصافِ حميده:** صبر، حيا، سچائي، امانت، همدردي، شجاعت ۽ علم پسندي جهڙا اوصاف سيکارڻ گهرجن.

**خراب خصلتن کان بچاءُ:** حسد، بغض، غيبت، ڪوڙ، بزدلي وغيره کان نفرت پيدا ڪرڻ گهرجي.

**فتنن کان تحفظ:** فحش مواد، خراب سنگت ۽ برن عادتن کان بچائڻ والدين جي ذميواري آهي.

**نظر رکڻ:** ٻارن جي دوستن، مطالعي، وقت گذارڻ جي عادتن تي بيخبريءَ ۾ نظر رکڻ گهرجي.

**صحت جو خيال:** ٻارن جي جسماني صحت جو خاص خيال رکڻ لازمي آهي، ڇو تہ بيماريون ننڍپڻ ۾ ئي پکڙجن ٿيون.

**صبر ۽ اميد:** تربيت ۾ جلدبازي نہ پر صبر ۽ تسلسل هجڻ گهرجي، ڇو تہ نتيجا دير سان اچن ٿا.

**اهلِ علم سان لاڳاپو:** عالم، استاد ۽ تجربيڪار تربيت ڏيندڙن سان لاڳاپو رکي، سندن مشورا حاصل ڪجن.

**اولاد جي تربيت ۾ عام غلطيون**

**بيجا تعريف ڪرڻ:** هر ڳالهہ تي ٻار جي تعريف ڪرڻ سان ان ۾ غرور پيدا ٿئي ٿو، ۽ هو هر وقت واکاڻ جي اميد رکي ٿو.

**ٻارن جو مقابلو ڪرڻ:** ٻارن جو ٻين سان مقابلو ڪرڻ سان انهن جي خود اعتمادي ختم ٿئي ٿي ۽ احساسِ ڪمتري پيدا ٿئي ٿو.

**ڌڄائڻ ۽ چڙٻڻ:** ضرورت کان وڌيڪ ناراضگي يا سزا ٻار کي جذباتي طور پريشان ڪري ٿي ۽ والدين کان پري ڪري ٿي.

**ماءُ پيءُ جا اختلاف:** گهر ۾ تڪرار ٻار تي منفي اثر ڇڏين ٿا، جنهن مان ٻار ضد، ڪوڙ ۽ نفسياتي تڪليفن جو شڪار ٿي سگهن ٿا.

**ڇوڪرن کي ڇوڪرين تي ترجيح ڏيڻ:** اهو عمل اولاد ۾ تعصب ۽ برتريءَ يا ڪمتريءَ جو احساس پيدا ڪري ٿو.

**احساسن جو دٻاءُ:** ڇوڪرن سان سختي ڪرڻ، گلي نہ لڳائڻ يا محبت نہ ڏيکارڻ سندن اندر نرم جذبات کي دٻائي ڇڏيندو آهي.

**مڪمل هجڻ جي اميد:** ٻارن کان هميشہ بهتر نتيجن جي اميد رکڻ بيجا دٻاءُ پيدا ڪري ٿو، جيڪو سندن نفسيات لاءِ نقصانڪار آهي.

**مربيين لاءِ مختصر نصيحتون:**

١. **عملي نمونو بڻجو :** ٻار لفظن کان وڌيڪ عمل مان سکن ٿا، پاڻ جيڪو چاهيو ٿا سي پاڻ بہ عمل ۾ آڻيو.

٢. **صرف حڪمن سان نہ، عمل سان سيکارڻ :** ٻار کي نصيحتن بدران گڏجي عمل ڪرڻ سان سيکارڻ وڌيڪ مؤثر آهي.

٣. **ٻارن لاءِ وقت ڪڍو :** هفتي ۾ هڪ ڏينهن پسند جي جاءِ تي وٺي وڃو.

٤. **ذميواريءَ جي عادت وجهو :** ننڍپڻ کان ئي ڪم سپرد ڪري حوصلا افزائي ڪريو.

٥. **محبت سان ڳالهائڻ :** نرمي، مسڪراهٽ ۽ نرم لفظن سان تربيت ڪريو.

٦. **نرمي کي ترجيح ڏيو :** سختيءَ بدران نرمي سان بهتري ايندي آهي.

٧. **خوف بدران توڪل سيکاريو :** اولاد کي رزق ۽ مستقبل جي ڊپ بدران الله تي ڀروسو سيکاريو.

٨. **سٺي صحبت جي حوصلا افزائي :** ٻارن کي نيڪ ماڻهن سان ويجهڙائيءَ لاءِ همٿايو.

٩. **تنقيد بدران اصلاح :** غلطيءَ تي فوري سزا نہ، پر نرمي سان هدايت ڏيو.

١٠. **شخصيت جو احترام ڪريو :** ٻارن جي رازداري، خودداري ۽ جذبات جو خيال رکو.

١١. **هميشہ سچ ڳالهائڻ سيکاريو :** پاڻ بہ سچ ڳالهائي مثال بڻجو.

١٢. **تربيت ۾ استقامت ۽ برداشت ضروري :** جيئن زميندار صبر سان پوکيندو آهي، تيئن والدين بہ تربيت جو عمل صبر ۽ استقلال سان سرانجام ڏين.

# سنڌي نوجوانن ۾ الحاد، لبرلزم ۽ دين بيزاري: (سبب، حل ۽ ويچار)

## علامه علي اڪبر راهمون سڪندري

سنڌ جي سرزمين صوفين بزرگن جي محبت سان سينچيل آهي، اڄ به هنڌين ماڳين الله وارن درويشن ۽ ولين جا تڪيا، مزارون ۽ نشان ملندا، پر اڄ ڪلهه سنڌ جي نوجوان نسل ۾ ڏسندا تہ الحاد، لبرلزم ۽ دين بيزاري جو تشويشناڪ رجحان عام ڏسڻ ۾ اچي رهيو اهي،

مسلمان نوجوانن جي سوچ ويچار ۽ فڪر جي طور طريقي ڪي ڏسنداسين تہ معلوم ٿيندو، تہ سيڪيولرازم، آزاد خيالي ۽ دين بيزاري جو لاڙو سنڌي نوجوان نسل ۾ تيزي سان وڌي رهيو آهي.

سنڌ جي صوفي روايت، عشقِ الٰهي، انسان دوستي، روحاني سڪون ۽ وحدت الوجود تي مبني آهي، جيڪا شاهہ لطيف، سچل سرمست، ۽ قلندر شهباز جي فڪر مان واضح ٿئي ٿي. ان ۾ نفس جي پاڪيزگي، عاجزي ۽ اخلاق کي مرڪزيت حاصل آهي. ان جي ابتڙ، جديد مغربي فڪر (الحاد، لبرلزم، سيڪيولرازم) فرد جي آزادي، عقليت، سائنس پرستي، ۽ مادي ترقي تي زور ڏئي ٿو. الله جي وجود جو انڪار، شعائر دين کان کلم کلا بيزاري جو اظهار ڪري ٿو. جڏهن تہ صوفي ازم روح جي اُڃ مٽائيندو آهي، ۽ جديد فڪر روحاني وٿن کي نظرانداز ڪري ٿو .

سوال هيءَ آهي تہ

آخر سنڌ جي نوجوان نسل ۾ هيڏانهن لاڙو ڇو ٿيو؟

هن جا بنيادي سبب ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟

ڇا هن جي علاج، اصلاح جون ڪي اميدون رکي سگهجن ٿيون؟

جيڪڏهن غور ڪجي تہ سنڌ ۾ نوجوانن ۾ الحاد، آزاد خيالي ۽ دين بيزاري جي لاڙن جا ڪيئي سبب نظر ايندا، جن گهڻ رخي سببن کي هيٺين نڪتن ۾ تقسيم ڪري جانچي سگهجي ٿو.

سنڌ ۾ نوجوانن جي الحاد ۽ دين بيزاري جي لاڙن جو پس منظر ڪجهه

هن ريت آهي ته ويهين صديءَ جي نصف آخر ۾ دنيا ۾ سياسي، معاشي، ۽ سماجي سطح تي وڏا آڏيندڙ انقلاب برپا ٿيا.

خاص طور تي ١٩٦٠ع کان پوءِ جڏهن سوويت يونين ۽ چين جهڙن ملڪن ۾ ڪميونسٽ انقلابن جو اثر وڌيو، ته ان جو فڪري ۽ نظرياتي اثر پاڪستان جي ٻين حصن سان گڏ سنڌ تي بہ پيو. ان دور ۾ عالمي سطح تي الحادي، قوم پرست، سوشلسٽ، ۽ لبرل فڪري تحريڪون زور وٺي رهيون هيون، جن جو فڪري لٽريچر سنڌ تائين بہ پهتو.

سنڌ جي سياسي ۽ معاشي محروميءَ سبب ڪيترائي نوجوان ان ڏانهن لاڙو ڪرڻ لڳا، جيڪي موجوده نظام کان مايوس ٿي، نئين فڪر ۾ آزادي، خوشحالي، ۽ سڌاري جا خواب ڏسڻ لڳا. نتيجي طور، سنڌ ۾ قوم پرستي، ڪميونزم، ۽ لبرل ازم تي ٻڌل نيون تنظيمون ۽ تحريڪون اُڀريون، جن "جيئي سنڌ"، سنڌو ديش، "انقلاب"، روٽي، ڪپڙا، مڪان ۽ "روشن خيالي" جهڙا نعرا متعارف ڪرايا. جديد قوم پرستي جو جذبو سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ ڦوڪڻ ۽ دين اسلام کان نوجوان نسل کي پري ڪرڻ جي مقصد سان راجا ڏاهر، جيمس ڪالاٽي ۽ روپلي ڪولهي جهڙا ڪردار سنڌ جو هيرو ڪري پيش ڪيا .

اهي تنظيمون خاص طور تي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن کي جديد وطن پرستي جي بنياد تي، ترقي پسندي ۽ روشن خيالي ۽ آزاد خيالي جا خواب ڏيکاري، پنهنجي فڪري، سياسي، ۽ نظرياتي پروگرامن ۽ سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ لڳيون، جنهن سبب سنڌ جو نوجوان نسل گهڻو ٿري ويو. اهڙيءَ ريت، ڪجهہ نوجوانن ۾ مذهبي روايتن ۽ عقيدن کان بيزاري، ۽ الحاد ڏانهن لاڙو وڌڻ لڳو.

معاشي نا انصافيون ۽ محروميون بہ ماڻهو کي بغاوت ۽ بيزاري جي طرف وٺي وينديون آهن، بي روزگار نوجوان جڏهن پنهنجي تعليمي قابليت هوندي بہ روزگاري کان محروم ٿين ٿا تہ سندن اندر مايوسي پيدا ٿئي ٿي، مايوسي، فڪري بغاوت کي جنم ڏيئي ٿي، بد قسمتي سان پاڪ هند ورهائي کان پوءِ سنڌي نوجوان نسل بہ اهڙين سخت حالتن مان

گذريو، بد قسمتي سان ردعمل ۾ الحاد ۽ دهريت ڏانهن لاڙو پيدا ٿيو.

ملڪي وسيلن جي غير منصفاڻي ورڇ بہ نوجوان نسل کي باغي بنائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو، جاگيرداري، سرمائيداري، بدعنواني، بد انتظامي ۽ نااهل حڪمران طبقي جي ڪري معاشي موقعا محدود ٿي ويا، جنهن جو شڪار خاص ڪري وچولي طبقي جو نوجوان ٿيو، جيڪو ردعمل ۾ دين بيزاري،الحاد ۽ آزاد خيالي جي رڻ ۾ رلي ويو.

معاشي محرومي مان نڪرندڙ سوال تہ جڏهن نظام معاش نوجوان کي عزتدار زندگي نہ ٿو ڏئي تہ هو نظام تي سوال ٿو ڪري، ۽ ان عمل ۾ هو مذهبي رواجن کي بہ شڪ جي نگاهہ سان ڏسڻ شروع ٿو ڪري، نتيجتا ان ۾ دين بيزاري جو رجحان وڌڻ لڳي ٿو.

جديد مادي تهذيب جا اثر اڄوڪي نوجوانن جي نسل تي وڏي پيماني تي اثر انداز ٿي رهيا اهن، جنهن جو روشن ثبوت جديد مغربي مادي تهذيب آهي، جيڪا اڄڪلهہ علمي ليول تي حاوي آهي، جنهن جي اثر کان ٻين قومن جيان سنڌ جو نوجوان نسل بہ بلاشبہ گهڻو متاثر ٿي رهيو آهي.

سوشل ميڊيا جو اثر، فيسبڪ، يوٽيوب، انسٽاگرام، ۽ ٻين پليٽفارمن ذريعي مغربي الحادي ۽ لبرل فڪر نوجوانن تائين سڌي رسائي حاصل ڪري ورتي آهي.

**مغربي فڪر جي چمڪ:** آزادي، انفراديت، لا محدود اختيار، ۽ ديني پابندين کان نجات جا نعرا نوجوانن کي اپيل ڪن ٿا.

استعمار جي فڪري تسلسل نوآبادي دور کان ورثي، مغربي فڪر سنڌي سماج تي اهڙا نشان ڇڏيا آهن جن کي اڄ بہ مڪمل طور وساري نٿو سگهجي.

مذهبي طبقي جي تنگ نظري، فرقيواريت، انتشار، عدم برداشت ۽ ٻيا بہ ڪيترائي سبب آهن جن سنڌ ۾ الحاد ۽ دين بيزاري کي هٿي ڏني آهي، ڪيترائي مذهبي حلقا صرف پنهنجي مسلڪ کي حق سمجهي ٻين جي فڪري آزادي کي برداشت نٿا ڪن. هر فرقو صرف پاڻ کي حق تي ۽ ٻئي کي ڪافر سمجهي ٿو، اهڙي ماحول ۾ نوجوان جڏهن مسجدن،

مدرسن ۽ مذهبي حلقن ۾ فرقيواريت ۽ تنگ نظرين جا منظر ڏسن ٿا تہ هو مذهبي حلقن کان هيڪاري بيزار ٿي وڃن ٿا. وري وڏو ظلم هي آهي تہ جڏهن نوجوان سوال پڇن ٿا تہ گستاخي يا ڪفر جون فتوائون ملن ٿيون يا جديد سوالن جا غير تسلي بخش جواب ملن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان دين کان دور ٿي وڃن ٿا.

تعليمي نظام جي ناڪامي بہ الحاد ۽ دين بيزاري ۾ پنهنجي حصي جو مؤثر ڪردار ادا ڪري رهي آهي،

ديني ۽ دنياوي تعليم جو تضاد ڏسندا ته موجوده تعليمي نظام ۾ ديني ۽ دنياوي علمن جي وچ ۾ هڪ ديوار بيهاري وئي آهي، جيڪا ذهنن ۾ پڻ تضاد ۽ انتشار پيدا ڪري ٿي.

تنقيدي شعور جي کوٽ جو ڪاٿو لڳائيون ته تعليم جو مقصد صرف امتحان پاس ڪرڻ رهجي ويو آهي، فڪري تربيت جو وڏو خلا موجود آهي.

حل ۽ اصلاح جي ڏس ۾ ڪجھ تجويزن تي غور ڪنداسين تہ معلوم ٿيندو، انهن بيمارين جو علاج بہ گهڻ رخو هجڻ گهرجي. جزوي، رواجي ۽ سطحي حل مسئلو حل نہ ڪندو.

فڪري تربيت ۽ فڪر جي آزادي جون حدون ۽ ذميداريون طئي ٿيڻ گهرجن. هن سلسلي ۾ علمي ۽ منطقي گفتگو جي ضرورت آهي، نوجوانن جي سوالن کي عزت ڏني وڃي، انهن کي فڪري طور مطمئن ڪرڻ لاءِ جديد علم، فلسفي، سائنس، ۽ اسلامي فڪر جي روشنيءَ ۾ مڪالمو ڪيو وڃي.

تنقيدي شعور جي پرورش جي ڏس ۾ تعليمي ادارن ۾ تنقيدي شعور، تحقيق ۽ سوال ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪئي وڃي.

مذهبي رواداري، ۽ اعتدال پسندي کي فروغ ڏيڻ گهرجي .

ديني اڳواڻن جي تربيت جو خاص طور انتظام ڪرڻ گهرجي.

عالمن کي جديد دور جي فڪري چئلينجن سان مقابلي لاءِ علمي تيار ڪيو وڃي.

تصوف ۽ اخلاق جو احياء ڪرڻ گهرجي.
دين کي صرف ظاهري احڪامن تائين محدود نہ رکجي، بلڪ اخلاق، رواداري ۽ روحانيت کي بہ نمايان ڪرڻ گهرجي.
تعليم ۽ تربيت جو مربوط نظام قائم ڪجي، جهن ۾ ديني ۽ جديد تعليم جي هم آهنگي کي ترجيحي بنياد تي عمل ۾ آڻڻ گهرجي.
نصاب کي اهڙيءَ ريت ترتيب ڏجي جو دنياوي ۽ ديني علم گڏ هلي سگهن.
اخلاقي تربيت جو خاص خيال رکجي، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اخلاقيات ۽ انساني قدرن جي تعليم لازمي ڪئي وڃي.
معاشي نظام ۾ منصفاڻيون پاليسيون جوڙڻ گهرجن، جئين نوجوانن ۾ مايوسي ۽ بي روزگاري جو خاتمو آڻي سگهجي .
حاصل ڪلام تہ :

سنڌ جي مسلمان نوجوانن ۾ الحاد، لبرلزم ۽ دين بيزاري جا اسباب رڳو هڪ طرفا نہ آهن. معاشي محرومي، فڪري انتشار، مذهبي طبقي جي تنگ نظري، مغربي تهذيب جي چمڪ ۽ گهريلو تربيت جي ڪمزوري سڀني گڏيل طور هن فڪري بحران کي جنم ڏنو آهي. هيءُ مسئلو سنجيدگي ۽ همدردي سان سوچڻ ويچارڻ جوڳو مسئلو اهي، هن کي معمولي سمجهي نظر انداز نہ ڪرڻ گهرجي.

هن بحران جو حل بہ گهڻ رخو هجڻ گهرجي. فقط وعظ، نصيحت يا فقط سياسي واعدا ڪافي نہ ٿيندا.

نوجوانن کي پنهنجي ثقافت، دين ۽ تهذيب سان محبت سيکارڻ لاءِ علمي، معاشي، سماجي ۽ اخلاقي محاذ تي هڪ گڏيل تحريڪ جي ضرورت آهي، جيڪا فڪر، محبت ۽ انصاف تي مبني هجڻ گهرجي.

# اسلام کے عہد اول میں فکری انقلاب (3)

## بیرسٹر ظفر اللہ خان

(۱۴) اس ناقص اور غیر اسلامی سیاسی نظریے نے ہماری مذہبی اور سیاسی زندگی کے ارتقاء پر سنگین اثرات مرتب کیے ہیں۔ میں نے ذیل میں اس کی دو تاریخی مثالیں پیش کی ہیں:

(ا) تقریباً چار سو پچاس (۴۵۰) علمائے وقت (مذہبی سکالرز) نے ابو الفضل اور فیضی کی قیادت میں ایک محضر نامہ مرتب کیا جو بادشاہ اکبر کو دنیاوی اور مذہبی اختیارات تفویض کرتا تھا اور رعیت پر بادشاہ کی اطاعت لازم قرار دیتا تھا۔ بادشاہ اکبر نے لادینی کے ایک نئے مذہب کو جنم دیا، جس کا نام 'دین الٰہی' رکھا گیا۔

(ب) جب شیخ احمد سرہندی اس نئے مذہب کی مخالفت اور اس کے رد کے خلاف اٹھ کھڑے ہوئے تو بہت سے علماء اور صوفی مغل بادشاہ کی طرفداری کرتے ہوئے شیخ احمد سرہندی کی تحریک کی مخالفت کے لیے کمربستہ ہو گئے اور انہوں نے دارا شکوہ کی بھی حمایت کی جو شہنشاہ اورنگزیب عالمگیر کی مخالفت میں نئے مذہب کی حمایت کر رہا تھا۔

(ج) مطلق بادشاہت نے مسلم دنیا میں سیاسی جبر کو جنم دیا۔ ہندوستان کے ایک مسلمان حاکم نے کسی شہری سے ناراض ہو کر اسے ہاتھی کے پاؤں تلے روندنے کا حکم دیا۔ شام کو جب بادشاہ سلامت مغرب کی نماز پڑھنے لگے تو امام صاحب نے اتفاقاً سورۃ الفیل (جس میں ہاتھی والوں کی بربادی کا ذکر ہے) کی تلاوت کی۔ بادشاہ سلامت برہم ہو گئے کہ امام اس کی تضحیک کر رہا ہے۔ بادشاہ سلامت نے حکم دیا کہ اس امام کو بھی ہاتھی کے پائوں تلے روند دیا جائے۔

حضرت اقبال فرماتے ہیں:

کرتی ہے ملوکیّت آثارِ جنوں پیدا
اللہ کے نشتر ہیں تیمور ہو کہ چنگیز (۸)

### ۳۔ غلامی سے آزادی تک

اسلام نے انسانی غلامی کی تمام شکلوں اور مظاہر کی شدید مذمت کی ہے اور اس کے خلاف لڑائی لڑی ہے۔ اس نے اس لعنت کو کم اور صفحۂ ہستی سے مٹانے کے لیے عملی اقدامات کئے ہیں۔ اس نے انسانیت کو آزادی کا سبق دیا ہے۔ آیئے حضور نبی کریم ﷺ کے دوسرے خلیفہ حضرت عمر فاروق رضی اللہ تعالیٰ عنہ کے تاریخی بیان کو یاد کریں۔

حضرت امام ابن الحاکم کی روایت ہے کہ حضرت انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ نے بیان کرتے ہیں کہ مصر کا ایک آدمی عمر فاروق رضی اللہ تعالیٰ عنہ کے پاس آیا اور کہا: اے امیر المومنین رضی اللہ تعالیٰ عنہ! میں نا انصافی سے پناہ مانگنے کے لیے آیا ہوں۔ حضرت عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہ نے جواب دیا کہ تم نے کسی کو اس پر آمادہ پایا۔ اس شخص نے کہا کہ میں نے حضرت عمرو بن عاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ کے بیٹے سے مقابلہ کیا تھا اور میں جیت گیا تھا۔ اس نے مجھے کوڑے مارے اور کہا کہ میں عزت دار آدمی کا بیٹا ہوں۔ اس پر حضرت عمر فاروق رضی اللہ تعالیٰ عنہ نے حضرت عمرو بن عاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ کو خط لکھ کر بیٹے سمیت مدینہ بلایا اور پوچھا کہ وہ مصری کہاں ہے؟ وہ آیا تو انہوں نے اس کو کوڑا دیا اور کہا حضرت عمرو بن عاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ کے بیٹے کو اس سے مارو۔ اس شخص نے اس کو مارنا شروع کر دیا۔ حضرت انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ بیان کرتے ہیں کہ اللہ کی قسم اس شخص نے اسے مارا اور ہمیں اس کا یہ مارنا بہت اچھا لگا۔ پھر حضرت عمر فاروق رضی اللہ تعالیٰ عنہ نے مصری کو کہا اب اس کے باپ (حضرت عمرو بن عاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ) کی طرف بڑھو۔ مصری نے جواب دیا کہ یا امیر المومنین رضی اللہ تعالیٰ عنہ اس کے بیٹے نے مجھے مارا تھا۔ میں اس سے بدلہ لے لیا ہے۔ حضرت عمر فاروق رضی اللہ تعالیٰ عنہ نے حضرت عمرو بن عاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ سے کہا: تم نے کب سے لوگوں کو غلام بنالیا ہے حالانکہ ان کی ماؤں نے انہیں آزاد پیدا کیا ہے۔ حضرت عمرو بن عاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ نے جواب دیا کہ امیر المومنین رضی اللہ تعالیٰ عنہ مجھے اس کے بارے میں معلوم نہ تھا اور نہ ہی

مصری میرے پاس شکایت لے کر آیا تھا۔ (۹)

یہ آزادی کا اعلان عہد حاضر کے مشہور فرانسیسی فلسفی اور سیاسی مفکر روسو کے اس مشہور نعرہ سے بھی زیادہ جامع ہے کہ

انسان آزاد پیدا ہوا ہے مگر ہر جگہ غلامی کی زنجیروں میں ہے۔

روسو نے محض ایک حقیقت بیان کی تھی جبکہ حضرت عمر فاروق رضی اللہ تعالیٰ عنہ نے روسو سے ایک ہزار سال پہلے غلامی کی مذمت کی اور سب کے لیے اعلان آزادی کیا تھا۔ غلامی کی مذمت نہ صرف جسمانی غلامی کے خلاف جہاد تھا بلکہ غلامی کی تمام شکلوں اور تمام مظاہر کے خلاف ایک جہاد تھا۔ مذکورہ واقعے میں 'بڑی عزت والے شخص کا بیٹا ہونے کی شیخی بگھارنے کو غلامی کی ایک قسم قرار دیا گیا ہے'۔

اس اصول کو جنگ قادسیہ سے پہلے حضرت سعد بن وقاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ کے ایلچی نے فارس کے جرنیل کے دربار میں زیادہ شاعرانہ طور پر پیش کیا تھا۔ (یہ جنگ 636ء میں عرب مسلم فوج اور ساسانی فارسیوں کے درمیان لڑی گئی تھی)۔ فارسی فوج کے کمانڈر رستم نے مسلم کمانڈر حضرت سعد بن ابی وقاص رضی اللہ تعالیٰ عنہ کو پیغام بھیجا تھا کہ وہ بات چیت کے لیے اپنا ایلچی بھیجیں جس پر انہوں نے حضرت ربیعہ بن عامر رضی اللہ تعالیٰ عنہ کو بطور ایلچی بھیجا۔

رستم نے حضرت ربیعہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ سے پوچھا کہ آپ فارس میں کیوں آئے ہیں اور آپ کا مقصد کیا ہے؟ حضرت ربیعہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ نے جواب دیا: ہم کو اللہ پاک نے اس لیے بھیجا ہے کہ جس کے بارے میں اس کی مرضی ہو، اس کو بندوں کی بندگی سے نجات دلا کر اللہ تعالیٰ کی بندگی میں داخل کریں۔ دنیا کی تنگیوں سے نکال کر آخرت کی وسعتوں میں پہنچا دیں اور مذاہب کی زیادتیوں سے بچا کر اسلام کے عدل میں لے آئیں۔ (۱۰)

اللہ تعالیٰ کی مکمل اطاعت اور اس کے سامنے اظہار نیاز مندی انسانیت کو غلامی کی تمام شکلوں

سے نجات دلاتی ہے۔

حضرت اقبال نے اس تصور کو بڑی خوبصورتی سے شعر میں پیش کیا ہے:

یہ ایک سجدہ جسے تو گراں سمجھتا ہے
ہزار سجدے سے دیتا ہے آدمی کو نجات (۱۱)

انسانوں کو غلام بنانے کے طریق کار اور اس کی تاسیس کے انسانی معاشرے پر بہت دوررس نتائج مرتب ہوتے ہیں۔ یہ انسان کے وقار اور عزتِ نفس کے منافی ہے۔ غلامی میں انسانی سرگرمیوں کا دائرہ سکڑ جاتا ہے جبکہ آزادی میں پھیل جاتا ہے۔ آزادی میں انسان اپنی صلاحیتوں کا بھرپور استعمال کر سکتا ہے اور اس کی تخلیقی اور اختراعی قابلیتوں میں اضافہ ہوتا ہے۔ حضرت اقبال نے کتنی خوبصورتی سے اس بات کا اظہار کیا ہے:

بندگی میں گھٹ کے رہ جاتی ہے اک جوئے کم آب
اور آزادی میں بحرِ بیکراں ہے زندگی (۱۲)

ہمارے بادشاہوں کو یہ انسانی شرف پسند نہ آیا۔ انہوں نے انسانوں کو جسمانی اور ذہنی طور پر غلام بنانا شروع کر دیا۔ غلاموں کی خرید و فروخت ہونے لگی۔ حرم میں باندیوں (slave girls) کا ہجوم بڑھنے لگا۔ علماء نے قرآن و حدیث کی تعلیمات کے خلاف فقہ کی کتابوں میں غلاموں اور باندیوں کے مسائل اور جواز کے دلائل دیے۔ اسلام کی حریت کی تعلیم اور شرف انسانی کی تعظیم کو پس پشت ڈال دیا گیا۔ جس نے بھی ذرہ بھر آواز بلند کی اس کو قید و سلاسل میں ڈال دیا گیا۔ شہید کر دیا گیا۔ حضرت امام حسین رضی اللہ تعالیٰ عنہ، حضرت محمد نفس ذکیہ، حضرت احمد بن حنبل، حضرت امام ابو حنیفہ، حضرت مجدد الف ثانی اور حضرت امام سرخسی کی مثالیں ہمارے سامنے ہیں۔

**۴۔ ظلم سے عدل و احسان تک**

ناانصافی اپنی تمام شکلوں کے ساتھ روزمرہ کا ایک چلن تھا۔

(۱) سماجی استحصال عام تھا جو انفرادی، خاندانی اور معاشرتی سطحوں پر ہو رہا تھا۔ انسانی زیست کی ہر سطح پر طبقاتی امتیازات تھے۔

(۲) سیاسی جبر اور جو رو ستم تھا جو شخصی اقتدار، معاشرتی اور قبائلی حیثیتوں اور شاہی اختیارات پر مبنی تھا۔

(۳) اقتصادی استحصال اور عدم مساوات تھی جو ہوا و ہوس اور ناانصافیوں پر مبنی تھی۔

اسلام نے ناانصافیوں اور استحصال کی تمام شکلوں کی مذمت کی۔ انصاف و مساوات کے اصولوں کا پرچم بلند کیا اور وسیع ترین پیمانے پر ان اصولوں پر عمل درآمد کا اعلان کیا۔ اسلام نے ظلم کے معاشرے کے خلاف عدل کا اعلان کیا ہے۔ افلاطون نے ایک نظری بحث کے طور کہا کہ Justice is virtue and virtue is justic

(انصاف نیکی ہے اور نیکی انصاف ہے)

قرآن پاک نے اس سے بڑھ کر بات کی کہ

لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَالْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ.(۱۳)

(دنیا میں انبیاء اور آسمانی کتابیں اس لیے نازل کی گئی ہیں کہ لوگوں کے درمیان انصاف قائم کیا جاسکے)

اللہ تعالیٰ نے اپنے انبیاء و رسل علیہم السلام (حضرت آدم علیہ السلام، حضرت موسیٰ علیہ السلام، حضرت عیسیٰ علیہ السلام اور حضرت محمد ﷺ) اور اپنی کتابیں (توراۃ، زبور، انجیل اور قرآن مجید) صرف نماز، روزہ، زکوٰۃ اور حج کے احکامات دے کر نہیں بھیجیں بلکہ انصاف کے قیام اور عدل و انصاف پر مبنی معاشرے کی تشکیل کے لیے بھی بھیجی ہیں۔ ہمارے بعض مذہبی علماء یہ اعلان کرنے تک پہنچ گئے ہیں کہ غیر مسلموں کی منصفانہ حکمرانی مسلمانوں کی غیر منصفانہ حکمرانی سے بہتر ہے۔ حضرت علی رضی اللہ تعالیٰ عنہ کا قول بیان کیا جاتا ہے:

اَلْمُلکُ یَبْقٰی مَعَ الکفرِ وَلا یَبقٰی مَع الظُّلم.

(کفر کے ساتھ ریاست قائم رہ سکتی ہے مگر ظلم کے ساتھ نہیں رہ سکتی)

اسلامی فلسفے میں انصاف کا تصور کسی بھی دوسرے نظام کے تصورِ انصاف سے زیادہ جامع ہے۔ مسلمان اہل دانش نے 'ظلم' کا دیگر مختلف زاویوں سے مطالعہ کیا اور اس پر بحث کی ہے۔ ان اہل دانش کے مطابق 'ظلم' کا مطلب کسی چیز کو ایک غلط جگہ پر رکھنا ہے اور 'عدل' کا مطلب یہ ہے کہ کسی چیز کو اس کی صحیح جگہ پر رکھا جائے۔ یہ 'عدل' اور 'ظلم' کی سادہ مگر جامع بلکہ قدرے وسیع تعریف ہے اور انسانی وجود کے تمام پہلوؤں کا احاطہ کرتی ہیں۔ یہی حقیقت کہ اہل دانش نے 'انصاف' اور 'ناانصافی' کی تشریحات وسیع ترین ممکنہ اصطلاحات میں کی ہیں، اس امر کا ثبوت ہے کہ مسلم دانشور انصاف کے حقیقی تصور کو بہت زیادہ اہمیت دیتے ہیں۔

اسلام 'عدل' کے علاوہ 'احسان (Equity)' کی وکالت کرتا ہے۔ عدل کا مطلب ہے کہ جو کچھ واجب ہے جبکہ 'احسان' کا مطلب ہے 'واجب سے زائد'۔ قرآن فرماتا ہے:

اِنَّ اللّٰہَ یَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ.(۱۴)

(اللہ تعالیٰ عدل اور احسان کا حکم دیتا ہے)

احسان ایک ذریعہ ہے جس سے قانون کا ایک نظام قواعد سازی میں تیقن کی ضرورت کو منفرد حالات میں منصفانہ نتائج حاصل کرنے کی ضرورت کے ساتھ متوازن بناتا ہے۔ یہ ایک اظہار ہے جس سے عموماً اس طریقے کو بیان کیا جاتا ہے جس میں احسان اپنا کام دکھاتے ہوئے عام قانون کی سختی کو کم کر دیتا ہے۔ احسان اس امر کو یقینی بناتا ہے کہ قانون کا سخت استعمال کسی مخصوص معاملے پر لاگو ہو کر اسے غیر منصفانہ نہ بنا دے۔

اسلام نے نہ صرف انصاف اور احسان کی تبلیغ کی ہے بلکہ انصاف بھی قائم کیا ہے اور اس قدیم معاشرے کے ساتھ احسان کر کے دکھایا ہے جو جزیرہ نمائے عرب میں قائم چلا آرہا تھا۔ ابتدائی اسلامی معاشرے کے ہر شعبے پر انصاف اپنی تمام سماجی، سیاسی اور اقتصادی شکلوں میں غالب رہا۔

- سیاسی نظام: استحقاق اور اخلاقی اصولوں پر استوار تھا۔
- معاشی نظام: سخت محنت، تجارت اور رحم دلی و ہمدردی پر مبنی تھا۔
- معاشرتی نظام: انسانی مساوات اور احسان پر قائم تھا۔

اسلام نے حقوق و فرائض / ذمہ داریوں کا توازن، انفرادیت اور اجتماعی زندگی کا توازن، شہریوں کے درمیان باہمی توازن، معاشرے اور ریاست کا توازن قائم کیا۔

بعد ازاں فاسقانہ سیاسی افکار اور مکروہ عزائم انصاف اور اعتدال پر غالب آ گئے۔ سیاسی اور معاشرتی استحصال شروع ہو گیا اور معاشی ناانصافیوں نے سر اٹھالیا۔ مسلمان بادشاہوں نے اپنے جبر اور ناانصافیوں کا جواز ثابت کرنے کے لئے علمائے سُو کی خدمات حاصل کر لیں اور عوام پر حکمرانوں کا تسلط قائم ہو گیا۔ بد قسمتی سے اسلامی حکومت کی ساری تاریخ میں بااثر علمائے سوء اور اہل دانش کی ایک بڑی اکثریت نے مالی منفعتوں کے لئے اہل اقتدار کے ساتھ سازباز کرلی۔ ظلم کے خلاف کسی نے موثر آواز نہ اٹھائی بلکہ ان کی صلاحیتیں حکمرانوں کی بدکاریوں کا جواز پیش کرنے پر صرف ہوتی رہیں۔

فقہ کی کتب میں متعدد ابواب اس موضوع پر ہیں کہ زکوٰۃ اور دیگر لازمی محاصل کی ادائیگی سے کیسے بچا جا سکتا ہے۔ اللہ تعالیٰ کے احکامات سے بچنے کے لیے بنی اسرائیل کی جو حکمت عملیاں اور حیلہ سازیاں تھیں ان کا اگر مسلمان علماء کے گھڑے ہوئے حربوں اور عذر تراشیوں سے موازنہ کیا جائے تو وہ ماند پڑ جاتی ہیں۔

مختصراً یہ کہ مسلمانوں نے انصاف اور مساوات کے اس درس کو فراموش کر دیا جو قرآن مجید میں دیا گیا تھا۔ وہ ظلم و جبر اور ناانصافیوں کو فروغ دینے لگے۔

❋ ❋ ❋

# ماهوار الراشد جا سهڪاري

مفتي نور نبي شر سڪندري (مدرسه صبغة الهديٰ شاهپورچاڪر)، مفتي قربان علي حاجاڻو سڪندري (نوابشاه)، مولانا نثار احمد نائچ سڪندري (صادق آباد)، فقير مختيار علي گهمرو (باگڙجي)، قاري محمد عثمان سنجراڻي( ٻرهوڻ)، مولانا محمد حسن ڏاهري سڪندري (شهدادپور)، فقير حبيب الله چنا (ڪنڌڙو)، قاري اصغر علي ميمڻ ( لکي غلام شاه)، مولانا سيف الله راڄڙ (ڪپرو)، مولانا علي اڪبر گجو سڪندري (سوندر)، مولانا ولي محمد راهمون سڪندري (چاچرو) ،مولانا عبدالحليم راهمون سڪندري (ڏاهلي)، مولانا احمد رضا چارو سڪندري (مٺي)، قاري عزيز الله راڄڙ سڪندري (حيدرآباد)، مولانا فقير سائين ڏنو راڄڙ سڪندري (عمرڪوٽ)، مولانا محمد امين باگراڻي سڪندري (شهدادپور) مولانا محمد اسلم ڏاهري سڪندري (دوڙ)، مولانا عبدالرسول سهتو سڪندري (چوندڪو) ، مولانا عبدالرحمان سومرو سڪندري (ڪوٽڏيجي) ، مولانا غلام فاروق شر سڪندري (پڪا چانگ) ، مولانا عبدالمالڪ شر (سوڀوديرو)، مولانا محمد ياسين شر، مولانا عطاء الرسول اڄڻ سڪندري (گمبٽ) ، مولانا عصمت الله سومرو (ڪنگري)، مولانا حبيب الله سڪندري (خيرپور) مولانا محمد اسلم راڄپر سڪندري (نري ميرواه) ، قاري عرفان سهتو سڪندري (ملڪو واهڻ)، مولانا رجب علي ڪيريو سڪندري (ٽنڊوڄام) ، مولانا عبدالرزاق راهمون سڪندري (ٽنڊو الهيار) مولانا دريا خان سڪندري (ڄام نواز علي)، مولانا نصير احمد ڪلهوڙو سڪندري ( دوڙ، ڄام صاحب) مولانا محمد يعقوب پٽو سڪندري ( فريد آباد لاڙڪاڻو)، مولانا نوراحمد جيسر سڪندري (ڏوڪري)، مولانا صغير احمد سڪندري (دادو) ، مولانا عبدالرزاق چاچڙ سڪندري (پنو عاقل) مولانا اشفاق احمد پٽي (نڪرانو)، حافظ ساجن ڪنيڙو (احمد پور ڪنگري) ، فقير امداد ڪوش ( شڪارپور) ، مولانا ارباب ٽنيو سڪندري ( تعلقو لکي شڪارپور)، استاد يار محمد سهرياڻي (ڪنڌڪوٽ ڪشمور) ، مولانا محمد زمان ڪوسو سڪندري (جيڪب آباد)، مولانا محمد اڪرم لاشاري سڪندري (ٽنگواڻي ڪشمور) ، مولانا خالد حسين ڪيهر سڪندري (ڪشمور)، حافظ خان محمد ڪوش سڪندري (صادق آباد رحيم يار خان) ، مولانا محمد حنيف ابوپوٽو سڪندري (لياقت پور رحيم يار خان)، قاري محمد پنهل سڪندري (گهوٽڪي شهر) مولانا علي گل سپيو سڪندري (ڏهرڪي)

Monthly AR- Rashid Pir Jo Goth
issue No. 339 - Safar ul Muzfar 1447/August 2025




# إفهام القاري شرح صحيح البخاري

## شارح: مفتي عبدالرزاق مهراڻ سڪندري

الحمدلله، قرآن ڪريم بعد اصح الڪتاب، صحيح بخاري جو سنڌي ٻوليءَ ۾ انتهائي سليس ۽ عام فهم شرح ”افهام القاري“ جا ڏهه جلد، سنڌ جي نامياري عالم ۽ اديب مفتي عبدالرزاق مهراڻ سڪندري جي شبانہ روز محنت سان ڇپجي منظر عام تي اچي چڪا آهن. پهريون ڀيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل هن شرح کي خريد ڪريو، ۽ حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي فرمودات کي ٻين تائين پهچائڻ واري ديني فريضي ۾ ساٿ ڏيو.

ڪتاب مڪتبہ حزب الاحناف سانگهڙ مان حاصل ڪري سگهجي ٿو.

رابطي جا نمبر: 03443883984، 03443875912

SIKANDARIA PUBLICATIONS
Jamia Rashidia, Dargah Sharif Pir Jo Goth
kingri-Khair Pur -Sindh- Pakistan